# اپريل
# 2023

آبادگارن لاءِ حڪومتِ سنڌ جو ڪڻڪ جي ٻج جو سبسڊي پروگرام

## افتتاح: عزت مآب جناب بلاول ڀٽو زرداري



# SINDH ZARA'AT

ماهوار

# سنڌ زراعت

ميگزين



عزت مآب جناب بلاول ڀٽو زرداري صاحب، چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي ۽
پاڪستان جو پرڏيهي وفاقي وزير، حڪومتِ سنڌ جي ڪٽڪ جي ٻج جي
سبسڊي جي پروگرام جو افتتاح ڪندي. تقريب ۾ سيد مراد علي شاهه وزير
اعليٰ سنڌ، محترمه شازيه مري، چيئرپرسن بينظير انڪم سپورٽ پروگرام،
جناب منظور حسين وساڻ، مشيرِ زراعت حڪومتِ سنڌ، سيد قائم علي شاهه
(اڳوڻو وڏو وزير)، محترمه فريال ٽالپر (صدر پاڪستان پيپلز پارٽي عورت ونگ)
۽ جناب نثار احمد کهڙو، صدر پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ پڻ موجود هيا.



جناب منظور حسين وساڻ، مشير زراعت حڪومتِ سنڌ
۽ جناب اعجاز احمد مهيسر، سيڪريٽري زراعت حڪومتِ سنڌ ۽ ٻيا ٽنڊو ڄام ۾ ڪٽڪ جي ٻج جي
سبسڊي ڏيڻ لاءِ سروي شروع ڪرڻ لاءِ سڄي سنڌ جي عملي جي ڪوئايل گڏجاڻيءَ ۾.








ڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت، چيف سيڪريٽري سنڌ پنهنجي آفيس ۾ سنڌ حڪومت جي ڪڻڪ
جي ٻج جي سبسڊيءَ متعلق گڏجاڻي ڪندي. جناب اعجاز احمد مهيسر، سيڪريٽري زراعت
حڪومتِ سنڌ سميت مختلف محڪمن جا سيڪريٽري موجود آهن.



جناب اعجاز احمد مهيسر سيڪريٽري زراعت حڪومتِ سنڌ، آبادگارن کي سنڌ سرڪار پاران
ڪڻڪ جي سبسڊي ڏيڻ واري پروگرام جي سروي جي فيلڊ ۾ مانيٽرنگ ڪندي.









زراعت کاتي
حڪومتِ سنڌ جو
ڪڻڪ جو سبسڊي پروگرام

# Sindh Zara'at

ماهوار
# سنڌ زراعت
ميگزين

اپريل 2023 | شمارو: 04

## سٽاءُ



| نمبر | عنوان | صفحو |
|---|---|---|
| .1 | زراعت کاتو حڪومتِ سنڌ ڪڻڪ جي ٻج جي سبسڊيءَ جي افتتاحي تقريب | 07 |
| .2 | ڪڻڪ جي ٻج جي سبسڊي جو پروگرام: اهم نقطا | 10 |
| .3 | ڪڻڪ جي ٻج جي مَدَ ۾ روڪ رقم ڏيڻ جو حڪومتِ سنڌ جو ٻوڏ متاثر آبادگارن لاءِ خصوصي پروگرام | 12 |
| .4 | فصلن جو زرعي ڪم ڪار | 13 |
| .5 | سارين جي فصل جي تياري | 15 |
| .6 | ڪارا چانور | 16 |
| .7 | چانهين ۽ لاهوري گجر جي پوک | 16 |
| .8 | وونئڻ جي ويڪرن ڪرين تي پوکيءَ جا فائدا | 17 |
| .9 | اڳاتي وونئڻ جي پوک | 17 |
| .10 | زمين ۽ فصلن لاءِ سلفر جي اهميت ۽ افاديت | 17 |
| .11 | وونئڻ جي پوک لاءِ پاڻي جو صحيح استعمال ۽ ان جي اهميت | 18 |
| .12 | انب جا مکيه نقصانڪار جيت ۽ انهن جو تدارڪ | 19 |
| .13 | سنڌ ۾ مڱن جي پوک | 21 |
| .14 | موسمي تبديليءَ جا ٽر جي زرعي پئداوار تي اثر | 22 |
| .15 | اناج جو ذخيرو، مسئلا ۽ حل | 23 |
| .16 | ڪڻڪ جو ٻُهه: چوپائي مال جو بهترين چارو | 25 |
| .17 | ملچ جا فائدا ۽ استعمال | 27 |
| .18 | ويليو چين اپيروچ ذريعي بصر جي فصل ڪي وڏيڪ منافع فخش بڻائڻ | 28 |
| .19 | فصلن ۾ پاڃين جا نقصانڪار جيت | 29 |
| .20 | ٽنل فارمنگ جي اهميت | 30 |



نگران اعليٰ
منظور حسين وساڻ
مشيرِ زراعت
حڪومتِ سنڌ

نگران
قاضي اعجاز احمد مهيسر
سيڪريٽري
زراعت، سپلاءِ ۽ پرائيسز سنڌ

چيف ايڊيٽر
هدايت الله ڇچڙو
ڊائريڪٽر جنرل
زرعي توسيع سنڌ

ايڊيٽر
غلام مصطفيٰ نانگراج
ڊائريڪٽر
زراعت کاتو، حڪومتِ سنڌ
ڪراچي

جوائنٽ ايڊيٽر
جاويد احمد سمون
ڊائريڪٽر
آءِ ٽي زرعي توسيع حيدرآباد

سرڪيوليشن: عرفان سومرو
فوٽو گرافي: الطاف حسين اوڊو ۽ جابر لغاري
ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ: علي انور لغاري
ٽائٽل ڊزائين: نزاڪت علي ڪوڪر

ICT AGRICULTURAL EXTENSION SERVICES SINDH PAKISTAN
AGRICULTURE DEPARTMENT SINDH

زراعت کاتو، حڪومتِ سنڌ
ڊائريڪٽوريٽ زرعي اطلاعات ۽ آءِ سي ٽي زرعي توسيعي مرڪز، زرعي توسيع سنڌ
بلاڪ ايف ، شهباز بلڊنگ، حيدرآباد
فون: 022-9200108, 022-9201276 ،03111646111
www.ictagrisindh.gov.pk: Email: dir.infoagriext@gmail.co

# ايڊيٽوريل

سنڌ جي زراعت گذريل سال 2022 چوماسي جي مينهن واري خطرناڪ ٻوڏ مان گذري آهي. جنهن جي نتيجي ۾ ان وقت خريف جي 44 لک ايڪڙن تي بيٺل فصلن مان 36 لک ايڪڙ ٻوڏ ۾ ٻڏي ويا. جن جي نقصان جو ڪاٿو 421 بلين روپيا لڳايو ويو. هن نقصان جي ڪري نہ صرف وقتي طور تي آبادگارن کي نقصان برداشت ڪرڻو پيو بلڪ گهڻي عرصي تائين هن نقصان جي اثرن کي مُنهن ڏيڻو پوندو ۽ سنڌ جي معيشت تي منفي اثر مرتب ٿيا آهن.

ٻوڏ متاثر آبادگارن جي نقصان جو مڪمل ازالو تہ وسيلن جي اڻاٺ جي ڪري ممڪن نہ هو پر ان جي باوجود حڪومتِ سنڌ آبادگارن جي لاءِ ڪڻڪ جي ٻج جي سبسڊي ڏيڻ جو پروگرام شروع ڪيو. هن پروگرام تحت سڄي سنڌ ۾ زراعت کاتي ۽ روينيو کاتي پاران آبادگارن جي سروي ۽ سندن رڪارڊ جي تصديق وارو ڪم نيشنل انفارميشن ٽيڪنالوجي بورڊ معرفت تيار ڪيل موبائل فون ايپليڪيشن ذريعي ڪيو آهي. جنهن تحت جن آبادگارن ڪڻڪ پوکي ڪئي، انهن آبادگارن مان پهرئين مرحلي ۾ 12.5 ايڪڙن جي ايراضيءَ وارن 185928 آبادگارن کي 5000 هزار روپيا في ايڪڙ جي حساب سان روڪ رقم ڏيڻ جو بندوبست ڪيو ويو. جنهن جو افتتاح عزت مآب جناب بلاول ڀٽو زرداري صاحب چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ وزيرِ خارجا پاڪستان 5 مارچ تي وزيرِ اعليٰ هائوس سنڌ ڪراچي مان ڪيو.

پهرئين مرحلي جي مڪمل ٿيڻ بعد 25 ايڪڙن تائين وارن رجسٽر ڪڻڪ جي آبادگارن کي ٻج جي سبسڊي ڏيڻ جو سلسلو شروع ٿي ويندو.

هي سبسڊي جي رقم زراعت کاتي حڪومتِ سنڌ پاران بينظير انڪم سپورٽ پروگرام معرفت ڏني پئي وڃي. سنڌ سرڪار جي ڪڻڪ جي ٻج جي سبسڊيءَ جي رقم ڏيڻ لاءِ سنڌ جي 24 ضلعن اندر تعلقي سطح تي 110 سينٽر قائم ڪيا ويا آهن.

**ساٿ سلامت**
**غلام مصطفيٰ نانگراج**
**ڊائريڪٽر**
**زراعت کاتو حڪومتِ سنڌ**



### زراعت کاتو، حڪومتِ سنڌ

# ڪڻڪ جي ٻج جي سبسڊيءَ جي افتتاحي تقريب

حڪومتِ سنڌ پاران زراعت کاتي سنڌ معرفت ٻوڏ متاثر علائقن جي ڪڻڪ جي آبادگارن کي ٻج جي مَدَ ۾ 5000 روپيا في ايڪڙ سبسڊي ڏيڻ واري تقريب آچر 5 مارچ 2023 تي وزيرِ اعليٰ هائوس ڪراچي سنڌ ۾ تلاوت ڪلام پاڪ ۽ قومي تراني هلائڻ سان ٿي گذري.

ڪڻڪ جي ٻج جي سبسڊي پروگرام جو افتتاح عزت مآب جناب بلاول ڀٽو زرداري صاحب چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي، وزيرِ خارجه پاڪستان پاران ڪمپيوٽر تي بٽڻ دٻائڻ سان ڪيو. هن سبسڊي پروگرام تحت پهرئين مرحلي ۾ ننڍن ساڍن 12 ايڪڙن جي 185,928 آبادگارن کي سندن پوکيل ڪڻڪ جي تصديق ٿيل ايراضي 845,461 ايڪڙن لاءِ 4.227 بلين روپيا ڏنا پيا وڃن..



افتتاحي تقريب ۾ مهمان خاص سان گڏ سيد مراد علي شاه وزيرِ اعليٰ سنڌ، جناب منظور حسين وساڻ، وزيرِ اعليٰ سنڌ جي زراعت متعلق مشير، محترمه شازيا مري، چيئرپرسن بينظير انڪم سپورٽ پروگرام، سيد قائم علي شاه (اڳوڻو وڏو وزير)، محترمه فريال ٽالپر (صدر پاڪستان پيپلز پارٽي عورت ونگ) ۽ جناب نثار احمد کهڙو (صدر پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ) اسٽيج تي موجود هيا. جڏهن ته حال ۾ مختلف وزير، اسيمبلي ميمبر، آبادگار، چيف سيڪريٽري سنڌ، چيئرمين پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ بورڊ سنڌ، مختلف کاتن جي سيڪريٽرين، زراعت کاتي سنڌ جي عملدارن، سنڌ چيمبر آف



ايگريڪلچر ۽ سنڌ آبادگار بورڊ جي نمائندن ۽ مختلف ضلعن جي آبادگارن شرڪت ڪئي.

تقريب جي شروعات تلاوتِ ڪلام پاڪ سان ڪئي وئي. جنهن بعد قومي ترانو هلايو ويو.

ڪڻڪ جي ٻج جي سبسڊي جي باري ۾ ابتدا ۾ پرزنٽيشن ڏيڻ لاءِ اعجاز احمد مهيسر سيڪريٽري زراعت سنڌ کي سڏيو ويو جنهن ڪڻڪ جي ٻج جي سبسڊي پروگرام جي تفصيلن



جي آگاهي ڏيندي ٻڌايو ته هي پروگرام پنهنجي نوعيت جو منفرد پروگرام آهي، جنهن لاءِ ڀرپور زراعت کاتي سنڌ پاران آبادگارن جا موبائل فون ايپليڪيشن ذريعي انگ اکر ۽ ٻي معلومات گڏ ڪئي آهي، جيڪا نه صرف ڪڻڪ جي ٻج جي سبسڊيءَ لاءِ استعمال ٿيندي بلڪ اينڊز سمورن پروگرامن ۾ زرعي شعبي جي ديرپا حڪمت عملي جوڙڻ ۾ پڻ مددگار ثابت ٿيندي.

هن موقعي تي ڳالهائيندي جناب منظور حسين وساڻ مشيرِ زراعت حڪومتِ سنڌ چيو ته ڀراڙيءَ جي دور دراز علائقن ۾ پهچي آبادگارن کي رجسٽر ڪرڻ ۽ وري سندن ڏنل معلومات کي روينيو کاتي معرفت تصديق ڪرڻ وارو ڪم نهايت ئي وڏو ۽ اهم ڪيو هو جيڪو زراعت کاتي سنڌ پاران روينيو کاتي



سنڌ سان گڏجي نهايت ئي خوش اسلوبيءَ سان ڪيو آهي ۽ گذريل سال جي مينهن واري ٻوڏ جي نتيجي ۾ آبادگارن جي ٿيل شديد نقصان جي ازالي لاءِ ڪڻڪ جي ٻج جي مَدِ ۾ روڪ رقم حڪومتِ سنڌ پاران ڏني پئي وڃي ۽ اڳيان به آبادگارن جي سهائتا ڪئي ويندي.

افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي سيد مراد علي شاه وزيرِ اعليٰ سنڌ چيو ته حڪومتِ سنڌ هن سال ڪڻڪ جي سمورن آبادگارن کي وفاقي سرڪار جي تعاون سان پوکيءَ لاءِ تصديق وارو ٻج ڏيڻ پئي گھُريو ته جيئن ڪڻڪ وڌيڪ ٿئي ۽ ملڪ ۾ خوراڪ جي کمي نه ٿئي ليڪن وفاقي سرڪار پاران ڪيل واعدي تان هٽڻ ۽ ٻج جي خريداريءَ ۾ دير ٿيڻ جي ڪري سنڌ حڪومت ٻج جي جاءِ تي ٻج جي مَدِ ۾ روڪ رقم ساڍن 12 ايڪڙن وارن آبادگارن کي ابتدائي مرحلي



۾ ڏئي رهي آهي ۽ ٻين 25 ايڪڙن تائين وارن آبادگارن لاءِ ٻئين مرحلي ۾ جلدي سبسڊي جي رقم ڏني ويندي.

وفاقي وزير ۽ چيئرپرسن بينظير انڪم سپورٽ پروگرام محترمه شازيا مري ٻڌايو ته تعلقي سطح تي ڪل 110 مرڪز قائم ڪيا ويا آهن. جتان رجسٽر ٿيل آبادگار پنهنجي ڪڻڪ جي ٻج واري سبسڊي وصول ڪري سگهندا. هي مرڪز صبح کان شام تائين هلندا ۽ ڪوشش ڪري جلد کان جلد آبادگارن کي سندن رقم منتقل ڪئي ويندي.

عزت مآب جناب بلاول ڀٽو زرداري چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ وزيرِ خارجہ پاڪستان افتتاحي تقريب جي آخر ۾ مهمان خاص طور تقرير ڪندي چيو تہ آبادگار معيشت جي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا، تن جو گذريل سال وارن مينهن جي نتيجي ۾ جيڪو نقصان ٿيو آهي، اُن جو ازالو ڪرڻ حڪومت جو فرض آهي، جيڪو حڪومتِ سنڌ هن ڪڻڪ جي ٻج جي سبسڊي جي ڏيڻ سان ادا ڪري رهي آهي، ليڪن وفاقي سرڪار پاران هن پروگرام ۾ حصو ملائڻ واور واعدو پورو نہ ڪرڻ سنو سوڻ ناهي. وفاقي سرڪار کي پنهنجي واعدي واري رقم ڏيڻي پوندي تہ جيئن آبادگارن جي وڌيڪ سهائتا ٿي سگهي. هن حڪومتِ سنڌ کي وڌيڪ هدايتون ڏنيون تہ پهرئين مرحلي جي مڪمل ٿيڻ شرط هڪدم ٻيو مرحلو پڻ شروع ڪيو وڃي.




افتتاحي تقريب ۾ سنڌ جي هر ضلعي مان ٻن ٻن آبادگارن کي گهرائي بائيوميٽرڪ ڪرائڻ کان پوءِ سندن سبسڊيءَ جي رقم ڏني وئي. جڏهن تہ خيرپور ناٿن شاهہ، نوشهروفيروز ۽ ٽنڊو محمد خان ۾ پڻ افتتاحي تقريب لاءِ آبادگارن ۽ لاڳاپيل ايم پي اي / ايم اين اي کي گهرايو ويو ۽ مرڪزي تقريب ۾ لائيو ڪوريج ذريعي شرڪت ڪرائي وئي.

هيءَ تقريب وزيرِ اعليٰ سنڌ هائوس ڪراچي ۾ منعقد ڪئي وئي.





افتتاح کان پوءِ سومر ڏينهن کان سڄي سنڌ ۾ مقرر ڪرده تعلقي سينٽرن تان آبادگارن کي رقم ڏيڻ جو بندوبست ٿيل آهي. جنهن لاءِ زراعت کاتو سنڌ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام، حبيب بينڪ ۽ پوليس ڊپارٽمينٽ سنڌ سهڪاري آهن.

(مصطفيٰ نانگراج)

# ڪڻڪ جي ٻج جي سبسڊي جو پروگرام: اهم نقطا

اعجاز احمد مهيسر، سيڪريٽري زراعت سنڌ

- زراعت سان جيڪڏهن ڪجهه غلط ٿي وڃي ته اُن کي درست ڪرڻ جو موقعو ناهي ملندو.

**ٻوڏ 2022:**

- 44 لک ايڪڙن تي بيٺل فصلن مان 36 لک ايڪڙ ٻوڏ ۾ ٻڏي ويا.
- آبادگارن کي ان جي ڪري 421 بلين روپين جو نقصان برداشت ڪرڻو پيو.
- ان سان گڏ فوڊ سڪيورٽي داءَ تي لڳي وئي ۽ غذائي کوٽ جي بحران جو خدشو پيدا ٿي پيو.

**سبسڊي پروگرام:**

- ان بحران مان نڪرڻ لاءِ حڪومتِ سنڌ هڪ سبسڊي پروگرام متعارف ڪرايو.
- سبسڊي پروگرام جي ذريعي سمورن آبادگارن کي مفت ٻج ۽ ياڻ ڏيڻ لاءِ 66 ارب روپين جي ضرورت هئي. جنهن جو بندوبست ٿي نه سگهيو.
- وفاقي حڪومت 4.7 ارب روپيا ڏيڻ جو واعدو ڪيو جنهن جي بنياد تي اهو فيصلو ڪيو ويو ته اسان 8.4 ارب حڪومتِ سنڌ پاران شامل ڪري گهٽ ۾ گهٽ ڪڻڪ جو ٻج ڏئي سگهون. جنهن جي لاءِ اسان کي 13.5 ارب روپين جي ضرورت هئي.

**دشواريون:**

- اسان جي سامهون اِها به مشڪل هئي ته آبادگارن ۽ هارين جو ڪوئي رڪارڊ موجود نه هُئو.
- آبادگارن ۽ هارين جو رڪارڊ جمع ڪرڻ لاءِ نيشنل انفارميشن ٽيڪنالوجي بورڊ سان ملي هڪڙي موبائل فون ايپليڪيشن تيار ڪئي.



**موبائل فون ايپليڪيشن جون خصوصيتون:**

- آبادگارن جي معلومات گڏ ڪرڻ.
- گڏ ڪيل معلومات کي روينيو ڊپارٽمينٽ جي معرفت رڪارڊ مان تصديق ڪرائڻ.
- ڊيٽا کي ڊجيٽلائيز ڪرڻ ته جيئن اُها هن سبسڊي کان علاوه اڳيان هلي به ڪم اچي سگهي.
- سروي لاءِ زراعت کاتي ۽ روينيو کاتي سنڌ گڏجي ڳوٺ ڳوٺ وڃي آبادگارن جي معلومات گڏ ڪئي. ان سروي ۾ 7500 عملي جي ماڻهن 1388 ٽيمن جي شڪل ۾ حصو ورتو.

- ان سروي جي نتيجي ۾ اسان وٽ هڪ ڊجيٽل پليٽ فارم ٺهي ويو جنهن جي بنياد تي اسان پنهنجي آبادگارن کي ڪڻڪ جي ٻج جي مَدَ ۾ روڪ رقم ڏيڻ جي قابل بڻجي وياسين.

## هن سروي ۾ جمع ڪيل آبادگارن جا انگ اکر هيٺين ٽيبل ۾ ڏنل آهن:

| تصديق ٿيل آبادگارن ۽ سندن ايراضيءَ جا انگ اکر | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| درجي بندي | | آبادگارن جو تعداد | ايراضي ايڪڙن ۾ | آبادگارن جو سيڪڙو | ايراضيءَ جو سيڪڙو |
| A | 12.5 ايڪڙن تائين | 185,928 | 845,461 | 72.7 | 36.4 |
| B | 12.5 ايڪڙن کان 25 ايڪڙن تائين | 51592 | 825563 | 20.2 | 35.6 |
| C | 25 ايڪڙن کان 150 ايڪڙن تائين | 12271 | 290334 | 4.8 | 12.5 |
| | 150 ايڪڙن کان مٿي | 5818 | 359624 | 2.3 | 15.5 |
| ڪُل | | 255609 | 2320982 | 100 | 100 |

## دشواريون:

- اسان کي هڪڙي وڏي دشواري ان وقت پيش آئي جڏهن وفاق اسان کي 4.7 ارب روپيا ڏيڻ کان معذرت ڪئي.
- تڏهن اهو فيصلو ڪيو ويو تہ اسان پهريان 12.5 ايڪڙن وارن آبادگارن کي روڪ رقم جي سبسڊي ڏيون.

| پهرئين مرحلي لاءِ اهل آبادگارن جا تفصيل | | | |
|---|---|---|---|
| تصديق ٿيل آبادگارن جو تعداد | تصديق ٿيل ايراضي | رقم في ايڪڙ | ڏيڻ واري ڪل رقم (بلين روپين ۾) |
| 185928 | 845461 | 5000 | 4.227 |

## روڪ رقم ڏيڻ جو طريقيڪار:

- بينظير انڪم سپورٽ پروگرام معرفت سنڌ ۾ تعلقي سطح تي 110 مرڪز قائم ڪيا ويا آهن. جتان بائيوميٽرڪ ڪرائڻ بعد اهل آبادگار پنهنجي سبسڊي حاصل ڪري رهيا آهن.
- پنهنجي لاڳاپيل سينٽر تي وڃڻ کان پهرين اهل آبادگار کي موبائل فون تي ميسيج اچي وڃي ٿو جيڪو ميسيج سينٽر تي ڏيکارڻو پوي ٿو.

## رقم وصول ڪرڻ جو طريقڪار:

- اهل آبادگار سينٽر تي پنهنجو سڃاڻپ ڪارڊ ڏيکارڻ بعد بائيوميٽرڪ ڪرائي ٿو جنهن بعد رڪارڊ جي تصديق ٿيڻ تي ڪيس رقم ڏني وڃي ٿي.

## سبسڊي جو ٻيو مرحلو (25 ايڪڙن تائين):

- پهريون مرحلو مڪمل ٿيڻ بعد انشاء الله اسين 25 ايڪڙن تائين وارن آبادگارن کي سبسڊي ڏيڻ جو عمل شروع ڪنداسين.

## ميڊيا مهم:

- پنهنجي آبادگار ڀائرن ۽ ڀينرن جي رهنمائيءَ لاءِ مين اسٽريم ۽ سوشل ميڊيا تي اشتهاري مهم هلائي وئي آهي.

## آخر ۾ پيغام:

- اسان جي معيشت ۾ آبادگار واحد ماڻهو آهي جيڪو پنهنجي فصل پوکڻ لاءِ هر شيءِ ريٽيل تي خريدي ٿو ۽ پنهنجي فصل جي پيداوار وري هول سيل ۾ وڪرو ڪري ٿو ۽ ٻنهي طرفن جو ڪرايو بہ خود ادا ڪري ٿو. (جان ايف ڪينيڊي).




## ڪڻڪ جي ٻج جي مَدَ ۾ روڪ رقم ڏيڻ جو

# حڪومتِ سنڌ جو ٻوڏ متاثر آبادگارن لاءِ خصوصي پروگرام

سنڌ ۾ سال 2022 جا چوماسي جا شديد مينهن جون جي آخري هفتي کان آگسٽ جي آخري هفتي تائين جاري رهيا ۽ سيپٽمبر جي 12 ۽ 13 تاريخ تي پڻ پوندا رهيا. هنن مينهن جي نتيجي ۾ 4.4 ملين ايڪڙن جي بيٺل خريف جي فصلن مان 3.6 ملين ايڪڙ متاثر ٿيا جن جي نقصان جو 421 بلين روپين جو ڪاٿو لڳايو ويو.

جيتوڻيڪ حڪومتِ سنڌ متاثر آبادگارن جي نقصان جو مڪمل ازالو ڪرڻ پئي گُهريو ليڪن وسيلن جي اڻاٺ جي نتيجي ۾ مڪمل ازالو ته ممڪن نه هيو پر آبادگارن جي سهائتا لاءِ اهم قدم کڻڻ جو فيصلو ڪرڻ سان شروعات ڪئي وئي: (1) بيٺل پاڻيءَ کي نيڪال ڪرڻ ته جيئن ربيع جي فصلن جي وقت سر پوکي ٿي سگهي. (2) ڪڻڪ جي امدادي قيمت 4000 روپيا في 40 ڪلوگرام مقرر ڪرڻ. (3) ٻوڏ متاثر آبادگارن کي ڪڻڪ جي فصل جي پوکيءَ لاءِ مفت ٻج فراهم ڪرڻ.

ابتدا ۾ ڪڻڪ جي سمورن آبادگارن کي ٻج جي فراهميءَ لاءِ حڪومتِ سنڌ پاران وفاقي سرڪار جي سهڪار سان 13.09 بلين روپين جو پروگرام جوڙيو. هن پروگرام کي زراعت کاتي، حڪومتِ سنڌ پاران جوڙيو ويو. ان سلسلي ۾ حڪومتِ سنڌ پاران طئہ ڪيل 8.39 بلين روپين جي رقم وفاقي سرڪار حوالي ڪئي وئي، جڏهن ته باقي رقم 4.7 بلين روپيا وفاقي سرڪار کي شامل ڪري ٻج خريدڻو هيو. ليڪن ٻج خريدڻ ۾ دير ٿيڻ جي ڪري سنڌ حڪومت پنهنجي پروگرام ۾ تبديلي آڻيندي آبادگارن کي ڪڻڪ جو ٻج ڏيڻ بجاءِ آبادگارن جي پوکيل ڪڻڪ جي فصل جي ٻج جي مَدَ ۾ 5000 هزار روپيہ في ايڪڙ روڪ رقم ڏيڻ جو فيصلو ڪيو. ليڪن وفاقي سرڪار پاران پنهنجي حصي جا 4.7 بلين روپيا ڏيڻ کان پوئتي هٽڻ جي ڪري حڪومتِ سنڌ پاران اِها به تبديلي آندي وئي ته في الحال 12.5 ايڪڙن تائين واري ايراضي رکندڙ آبادگارن کي سندن پوکيل ڪڻڪ جي ايراضيءَ جي ٻج جي مَدَ ۾ 5000 روپيہ في ايڪڙ ڏنا وڃن.

جتي هن پروگرام لاءِ حڪومتِ سنڌ لاءِ رقم جو بندوبست ڪرڻ آسان نه هيو، اهڙي طرح آبادگارن جي معلومات گڏ ڪرڻ پڻ هڪ مشڪل ڪم هيو. ڇاڪاڻ ته هن کان پهرين زراعت کاتي سميت ڪنهن به کاتي وٽ اهڙي آبادگارن جي معلومات نه هئي، جنهن منجهان آبادگارن جي مڪمل معلومات ايراضيءَ ۽ پوکجندڙ فصلن جا تفصيل ملي سگهن. ان ڪري سڀ کان پهرين زراعت کاتي سنڌ پاران آبادگارن جي سروي ڪرڻ جو پروگرام جوڙيو ويو.

سروي لاءِ نيشنل انفارميشن ٽيڪنالوجي بورڊ (NITB) وفاقي حڪومت اسلام آباد سان گڏجي موبائل فون ايپليڪيشن تي ڪم شروع ڪيو ويو ته جيئن سروي ۽ معلومات جي تصديق ايپلڪيشن ذريعي ڪئي وڃي. ان دوران ئي زراعت کاتي سنڌ ۽ روينيو کاتي سنڌ جي عملي جون سروي ۽ ايپليڪيشن متعلق تربيتون شروع ڪيو ويون. ساڳئي وقت جن آبادگارن جي ڪڻڪ جو فصل پوکيل هو، انهن جي سروي ڪرڻ لاءِ ٽپي سطح تائين ڪميٽيون جوڙيون ويون، جن ۾ زراعت کاتي، روينيو کاتي جي عملي سان گڏ يونين ڪائونسل جي چيئرمين ۽ آبادگارن جي نمائندن کي رکيو ويو.

حقيقي آبادگارن کي رقم ملڻ کي يقيني بنائڻ لاءِ موبائل فون ايپليڪيشن کي اهڙي طرح سان تيار ڪيو ويو آهي، ته جيئن ان ۾ پهريان ڪميٽي سروي دوران معلومات درج ڪرڻ سان گڏ سندن ۽ کاتي جا دستاويز وٺي ايپليڪيشن ۾ درج ڪيا وڃن ۽ سندن معلومات کي فارم تي به درج ڪيو وڃي. کي بعد ۾ ايپلڪيشن ۾ درج ٿيل معلومات کي روينيو کاتي پاران مقرر ڪرده عملي کي تصديق ڪرڻ جي ذميواري ڏنل آهي.

هن پروگرام جي لاءِ اهم گڏجاڻيون ٿينديون رهيون آهن، جن مان هڪڙي گڏجاڻيءَ جي صدارت عزت مآب جناب بلاول ڀٽو زرداري وزيرِ خارجا پاڪستان پڻ ڪئي، جنهن ۾ سيد مراد علي شاهہ وزيرِ اعليٰ سنڌ ۽ جناب منظور حسين وساڻ مشير زراعت حڪومت سنڌ سميت جناب اعجاز احمد مهيسر، سيڪريٽري زراعت حڪومتِ سنڌ شرڪت ڪئي. جڏهن ته وفاقي حڪومت، ورلڊ بينڪ، بينظير انڪم سپورٽ پروگرام، نيشنل انفارميشن ٽيڪنالوجي بورڊ، روينيو کاتي سنڌ سان ڪيتريون ئي گڏجاڻيون سيڪريٽري زراعت ۽ لاڳاپيل عملدار ڪندا رهيا آهن.

هن پروگرام جي سروي جو آغاز ڪرڻ لاءِ هڪڙي افتتاحي تقريب 19 نومبر 2022 تي ٽنڊوڄام ۾ ڪوٺائي وئي جنهن ۾ زرعي توسيع جي فيلڊ اسسٽنٽس سان گڏ سندن آفيسرن کي گهرايو ويو ۽ فردن فردن اُنهن سان جناب منظور حسين وساڻ مشيرِ زراعت حڪومتِ سنڌ ۽ جناب اعجاز احمد مهيسر سيڪريٽري زراعت سنڌ ڳالهايو ۽ هدايتون ڏنيون.

هن پروگرام جي سروي جو آغاز 22 نومبر 2022 کان ڪيو ويو. سروي ۽ تصديق ڪرڻ واري مرحلي دوران جناب اعجاز احمد مهيسر سيڪريٽري زراعت سنڌ فيلڊ ۾ وڃي مختلف جاين تي آبادگارن سان مليا ۽ سروي جي ڪم جو جائزو وٺڻ سان گڏ عملي کي هدايتون ڏيندا رهيا ۽ سڄي ڪم کي لڳاتار هر سطح تي پنهنجي نگرانيءَ ۾ ڏسندا رهيا آهن.

# فصلن جو زرعي ڪم ڪار

## زرعي تحقيق سنڌ، ٽنڊوڄام

### ووڻٽڻ:

- ووڻٽڻ لاءِ زمين جي تياري اونهن هرن سان ڪريو.
- پوکي علائقي جي سفارش ڪيل وقت اندر ڪريو.
- ٻج لٽل ٻج کي پوکيءِ لاءِ ترجيح ڏيو ڇاڪاڻ ته ان ۾ قوتهڙي جي صلاحيت وڌيڪ ٿئي ٿي.
- پوکيءَ وقت ياڻ ڊي اي پي هڪ ٻوري ۽ اڌ ٻوري يوريا ياڻ ملائي تر ۾ ڏيو
- ناڙي پوک لاءِ ٻج وارو ٻج 8ڪان 10 ڪلو گرام ۽ ڪرين واري پوکيءَ لاءِ 4 ڪان 5 ڪلو گرام في ايڪڙ ڏيو
- ناڙيءَ واري پوک لاءِ ٻج لٽل ٻج 3 ڪان 4 ڪلو گرام ۽ ڪرين واري پوک لاءِ2 ڪان 3 ڪلو گرام في ايڪڙ ڏيڻ گهرجي
- ڪرين واري پوک لاءِ زمين اهڙي طرح سان ٺاهيو جو ڪرين جي نالي گهٽي اونهي ۽ ويڪري نه هجي
- ڪرين جي پوک وقت هر هڪ چنگيءَ ۾ 2 ڪان 3 ٻج جا داڻا لڳايو. هر هڪ چنگي جو مفاصلو 9 انچن ڪان هڪ فوٽ هجي
- ناڙي پوک لاءِ قطار جو مفاصلو اڍائي فوٽ رکو.
- ناڙي پوک لاءِ ٻج وارو ٻج 6 ڪان 8 ڪلاڪ پاڻي ۾ پسائي سني مٽيءَ سان ملائي پوءِ پوک ڪريو
- ناڙي ڪرڻ وقت ان ڳالهه جو خيال رکو ته جيئن قطارن ۾ ٻج صحيح ڪري ۽ ناڙي ٻٽ نه ڪري.
- ووڻٽڻ جون سفارش ڪيل جنسون جهڙوڪ سنڌ 1، شهباز، ڪرس 134، ڪرس 342، نيا افق، آءِ آر 901، ايف ايچ 100، ايف ايچ 142 ۽ ايم اين ايچ 886 پوکي ڪرڻ گهرجن. مقامي جنسن ۾ پيداوار سان گڏ ڪپهه جي ريشي ۽ ٽاڻ جون خوبيون پڻ موجود آهن ان ڪري انهن جنسن کي پوکيءَ ۾ ترجيح ڏيو.

### ووڻٽڻ لاءِ سفارش ڪيل پوکيءَ جووقت:

| علائقو | پوکڻ جو سفارش ڪيل وقت |
|---|---|
| ٺٽو بدين سان لاڳاپيل علائقا | 1 مارچ ڪان 31 مارچ |
| عمرڪوٽ، ميرپورخاص | 1 اپريل ڪان 30 اپريل |
| حيدرآباد، مٽياري، ٽنڊو محمدخان، ٽنڊو الهيار | 15 اپريل ڪان 15 مئي |
| سانگهڙ سان لاڳاپيل علائقا | 30 اپريل ڪان 15 مئي |
| دادو، شهيد بينظير آباد، نوشهروفيروز، خيرپور | 1 مئي ڪان 30 مئي |
| لاڙڪاڻو، شڪارپور، جيڪب آباد | 15 مئي ڪان 15 جون |

### ڪمند:



- آبادگار پائرو سرءُ واري پوکيل ڪمند ۾ مٽي چاڙهڻ گهرجي ته جيئن دير سان نڪرندڙ گوشن کي روڪي سگهجي.
- مٽي چاڙهڻ ڪان اڳ هڪ ٻوري يوريا في ايڪڙ ڇٽجي
- بهار جي پوکيل فصل مان گند گاهه ناس ڪرڻ گهرجي
- ڪمند جي فصل مان پوکيءَ جي ٽن مهينن اندر گاهه ختم ڪرڻ سان پيداوار ۾ اضافو ٿئي ٿو.
- وڌندڙ گرميءَ کي نظر ۾ رکندي پاڻيءَ جو استعمال ڪرڻ گهرجي.
- جيڪڏهن فصل تي جيتن جو حملو نظر اچي ته ڪنهن سٺي ساک رکندڙ ڪمپنيءَ جو داڻي دار زهر 10 ڪان 12 ڪلو گرام في ايڪڙ ڇٽڻ گهرجي.
- ٻانٺ يا منڊي فصل ۾ جيڪڏهن ياڻ نه ڏنو ويو آهي ته جلد هڪ ڪان ٻه ٻوريون ڊي اي پي، ڏيڍ ڪان ٻه ٻوريون يوريا ۽ ٽي

پوريون پوٽاش ڇٽڻ گھرجن.

- اهو ڏٺو ويو آهي ته ڪجھ آبادگار ڪمند پوکڻ جي سفارش ڪيل وقت يعني فيبروري ۽ مارچ کان پوءِ به پوکي ڪندا آهن. دير سان پوکيل ڪمند کي گھربل وقت نه ملڻ ڪري هڪ ته بهتر پيداوار نه ڏيندو ۽ مناس جو مناسب مقدار نه هئڻ ڪري اگھ به سٺو نه ملندو.

## ڪڻڪ:

- تيار ڪڻڪ جو لابارو ڪجي. لاباري ۾ دير ڪرڻ سان 5 کان 10 سيڪڙو نقصان ٿي سگھي ٿو. لابارو صبح جو سوير ڪرڻ گھرجي. لابارو زمين سان لائي ڪرڻ گھرجي جيئن بھ وڌيڪ حاصل ٿئي.

## تيلي ٻج:

**سرنهن:** هن وقت فصل پچڻ تي آهي. انڪري فصل جي ڪٽائي ڪري (ٿريشنگ) ڪئي وڃي ٻج کي صاف ڪري خشڪ ڪري ٻورين ۾ رکي اسٽور ڪيو وڃي.

**سورج مکي:** فصل کي ان جي گھرج آهر پاڻي ڏنو وڃي. آڳاٽو فصل تيار ٿيڻ تي هجي ته جهار هڪلڻ جو بندوبست ڪيو وڃي ته جيئن فصل کي پکين جي نقصان کان بچائي سگھجي فصل پچڻ تي لابارو ڪيو وڃي ۽ گلن کي سج جي روشني ۾ رکيو وڃي.



**پواڙي:** جيڪو فصل پاڻيءَ تي پوکيل آهن ان فصلن کي آخري پاڻي ڏنو وڃي. پاڻي ڏيڻ وقت تمام گھڻو احتياط ڪيو وڃي ته جيئن پاڻي گھڻو نه اچي وڃي. فصل جي تيار ٿيڻ وقت پکي فصل کي نقصان ڏئي سگھن ٿا تنهن ڪري جهار هڪلڻ جو بندوبست ڪيو وڃي. فصل جو روز معائنو ڪيو وڃي جيڪڏهن ڪارو مهلو آهي ۽ ڪا اهڙي نشاني ظاهر ٿئي ته ڪنهن زرعي ماهر جي صلاح سان جيت مار دوا جو استعمال ڪيو وڃي.

**السي:** جيڪڏهن فصل پچي تيار ٿي ويو آهي ته جلدي فصل جو لابارو ڪيو وڃي ته جيئن فصل کي ڇڻڻ کان بچائي سگھجي.

**ٻوهي مڱ:** هن وقت فصل جي پوکي لاءِ زمين جي چونڊ ڪئي وڃي. لتاسي يا وارياسي زمين ٻوهي مڱن جي فصل لاءِ تمام بهتر آهي

## ساوا گاهه:

**برسيم:** سٺي جنس کي ٻج لاءِ ڇڏي ڏيڻ گھرجي ته جيئن ايندڙ فصل لاءِ اسان وٽ پنهنجو ٻج ٿئي. ضرورت مطابق پاڻي ڏيڻ گھرجي.

**لوسڻ:** گرمي هجڻ ڪري پن ساڙو ڪن ٿا انڪري تڪڙا پاڻي ڏيڻ گھرجن ۽ تيار فصل جي ڪٽائي ڪجي.

**مڪئي:** فيبروري ۾ پوکيل فصل تيار هجي يعني 50 سيڪڙو گل ڪڍي ته لڻجي. مارچ ۾ پوکيل مڪئي کي پاڻي ڏجي.

**جوئر:** زمين کي هر هلائي سنوت ۾ آڏجي ريج ڪجي. وٽ ۾ اچڻ تي گھربل روٽا ويٽر هلائي تيار ڪجي. في ايڪڙ 25 ڪلوگرام ٻج پوکي لاءِ استعمال ڪجي.

**مات گاهه:** فيبروري ۾ لڳايل گاهه کي هڪ ٻوري يوريا ڏجي. تيار ٿيل فصل جي ڪٽائي ڪري پاڻي ڏجي. گندگاهه ختم ڪرڻ لاءِ ڏڙ ڪرڻ گھرجي

**گوار:** گذريل مهيني پوکي وارو ڪم رهجي ويو هجي ته پورو ڪجي. گذريل مهيني پوکيل گاهه کي پاڻي ڏجي.

**ٻاجهر:** جيڪڏهن زمين تيار ناهي ته پوءِ ان کي گوبل جا ٻه هر ڏئي ريج ڪري. وٽ اچڻ تي به گوبل ۽ روٽا ويٽر هلائي زمين تيار ڪجي. زمين جي تياري مهل فاسفورس جي هڪ ٻوري زمين ۾ ملائي. گاهه لاءِ 15 کان 20 ڪلو ٻج في ايڪڙ استعمال ڪجي.

**سدا بهار:** گاهه کي پاڻي ڏنو وڃي. قطارن جي وچ واري فاصلي ۾ گندگاهه کي صاف ڪجي.

**جمبو چارو هائبرڊ:** گاهه کي پاڻي ڏنو وڃي. قطارن جي وچ واري فاصلي ۾ گندگاهه کي صاف ڪجي.

**پرو:** گاهه جي پوکي وارو ڪم رهجي ويو هجي ته هن مهيني ۾ سفارش موجب پورو ڪجي. گذريل مهيني پوکيل گاهه جي ناڙي واري فاصلي ۾ گندگاهه کي صاف ڪجي ۽ گھرج مطابق پاڻي ڏجي.

**سائون:** جيڪڏهن گاهه پوکڻ جو ڪم رهجي ويو هجي ته مارچ واري سفارش موجب گاهه پوکجي اڳوات پوکيل گاهه لاءِ پاڻي جو خيال رکجي.

# سارين جي فصل جي تياري

ڊاڪٽر غلام شبير جوڻيجو، ڪميونيڪيشن ريسرچ انسٽيٽوٽ، ڊاريڪٽوريٽ چانورن جو تحقيقاتي مرڪز ڏوڪري

**سارين جي جنسن جا قسم:**

**1. آڳاٽيون جنسون:** هي جنسون رونبي کان پوءِ 105 کان 115 ڏينهن ۾ پچي راس ٿين ٿيون جن ۾ اري 8، اري 6 ۽ سدا حيات اچي وڃن ٿيون.

ڪنول 95. هي جنس رونبي کان پوءِ پچڻ تائين 145 کان 155 ڏينهن تائين وٺي ٿي.

**2. وچوليون جنسون:** هي جنسون رونبي جي 102 کان 108 ڏينهن ۾ پچن ٿيون جن ۾ ڊي آر 82، ڊي آر 92 ۽ شاهڪار اچي وڃن ٿيون.

**3. پاڇاٽيون جنسون:** هي جنسون رونبي جي 95 کان 100 ڏينهن جي اندر پچن ٿيون هنن ۾ ڊي آر 83 ، لطيفي، سنڌ سڌار، ڊي آر 16 ۽ ڊي آر 2020. سنڌ سڌار وڌيڪ پيداوار ڏيندڙ پاڇاٽي جنس آهي.

**آڳاٽين جنسن جو ٻيجارو:** ڏکڻ سنڌ ۾ اپريل جي ٽئين هفتي کان مئي جي ٻئي هفتي تائين پوکجي، جڏهن تہ رونبو مئي جي ٽئين هفتي کان جون جي ٻئي هفتي تائين ڪرڻ گهرجي. اتر سنڌ ۾ آڳاٽي جنسن جو ٻيجارو مئي جي ٻئي هفتي کان جون جي ٻئي هفتي تائين پوکجي جڏهن تہ 25 کان 30 ڏينهن جو ٻيجارو جون جي 15 تاريخ کان پوءِ جولاءِ جي 15 تاريخ تائين رونبو ڪرڻ گهرجي. ڪنول 95 . اپريل جي پهرئين هفتي کان اپريل جي آخري هفتي تائين پوکجي. ۽ رونبو مئي جي پهرئين هفتي کان جون جي پهرئين تائين ڪرن گهرجي. اتر سنڌ ۾ اپريل جي ٻئي هفتي کان مئي جي ٻئي هفتي تائين پوکڻ گهرجي ۽ رونبو مئي جي ٻئي هفتي کان جون جي ٻئي تائين ڪرڻ گهرجي. 30 کان 100 س م اونهي پاڻي ۾ پچندڙ هيٺاهين زمينن لاءِ موزون آهي.

اهڙي طرح وچولين جنسن جو ٻيجارو ڏکڻ سنڌ ۾ مئي جي ٻئي هفتي کان جون جي ٽئين هفتي تائين پوکجي جڏهن تہ رونبو جون جي ٻئي هفتي کان جولاءِ جي ٽئين هفتي تائين مڪمل ڪجي.

ڏکڻ سنڌ ۾ وچوليون جنسن جو ٻيجارو مئي جي آخري هفتي کان جون جي آخري هفتي تائين پوکجي، جڏهن تہ رونبو ٻيجاري جي 25 کان 30 ڏينهن بعد ڪرڻ گهرجي يعني جون جي آخري هفتي کان جولاءِ جي آخري هفتي تائين لڳائجي.

**پاڇاٽين جنسن جو ٻيجارو:** ڏکڻ سنڌ ۾ جون جي پهرئين هفتي کان جولاءِ جي پهرئين هفتي تائين پوکجي ۽ رونبو جولاءِ جي پهرئين هفتي کان آگسٽ جي پهرئين هفتي تائين ختم ڪرڻ گهرجي.

اتر سنڌ ۾ ٻيجارو جون جي ٽئين هفتي کان جولاءِ جي ٻئي هفتي تائين پوکجي، جڏهن تہ رونبو جولاءِ جي ٽئين هفتي کان شروع ڪجي ۽ آگسٽ جي ٽئين هفتي ۾ ختم ڪجي، جيڪڏهن آڳاٽو پاڻي هجي تہ سفارش ٿيل آڳاٽين جنسن جو ٻج لڳائجي نہ ڪي وچولين يا پاڇاٽين جنسن جو چوتہ ائين ڪرڻ سان فصل ۾ ڪس ٿيڻ جو انديشو ٿيندو آهي ۽ پيداوار گهٽ لهندي.

**ٻج جو مقدار:** ٻج زراعت ۾ بنيادي حيثيت رکي ٿو جيڪڏهن ٻج صحتمند نہ هوندو تہ ان مان پيدا ٿيندڙ سلا ڪمزور هوندا ۽ اهي گهربل پيداوار ڏئي نہ سگهندا. جيڪڏهن ٻج نج ۽ صاف نہ هوندو تہ فصل هڪ ڪرو نہ پچندو مختلف جنسن جا ٻوٽا مختلف وقت تي پچندا آڳاٽا پچي ڇڻي ويندا ۽ پاڇاٽا ڪچا رهجي ويندا. ان ڪري گهربل



جنسن جو ٻج صحتمند ۽ تصديق ٿيل 80 سيڪڙو کان وڌيڪ ڦٽڻ جي صلاحيت رکندڙ ٻج 16 کان 20 ڪلو گرام في ايڪڙ استعمال ڪرڻ گهرجي.

**ٻيجارو پوکڻ:** هر ڏنل زمين ۾ پتر پچي سنوت ڪري اڌ اڌ ويسي جون ٻاريون اهڙي ريت ٺاهجن جيئن هر هڪ ٻاري کي الڳ الڳ پاڻي ڏئي سگهجي ٻارين ۾ وٿاڻ جو پاڻ يا سارين جو ڪٽو وجهي ان کي رات جو ساڙڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان هڪ تہ زمين ۾ موجود جيت سڙي ناس ٿي ويندا ۽ ٻيو تہ رونبي لاءِ ٻيجارو پٽڻ آسان ٿيندو ۽ پٽڻ وقت ان جو پاڙون زخمي نہ ٿينديون. صبح جو جڏهن خاڪ ٺري وڃي تہ 8 کان 10 ڪلو گرام صاف سٿرو تصديق ٿيل ٻج اڌ ويسي جي ٻاريءَ ۾ هڪ جهڙو ڇٽي پاڻي ڏيڻ گهرجي. ٻج ڦٽڻ تائين هلڪو پاڻي ڏبو رهجي ٻيجاري جو قد وڌڻ سان پاڻيءَ جي سطح وڌائجي جيڪڏهن ٻيجاري جي واڌ سهي نہ ٿئي ۽ پيلاڻ مائل نظر اچي تہ پوکيءَ کان 10 کان 15 ڏينهن بعد اڌ ڪلو يوريا پاڻ في ٻاري ڇٽڻ گهرجي. ٻيجارو جڏهن 25 کان 30 ڏينهن جو ٿئي تہ رونبي لاءِ پٽڻ گهرجي. ٻيجارو آهستي آهستي پٽجي تہ جيئن ان جي پاڙن کي نقصان نہ پهچي. اڌ ويسي جي ٻاري هڪ جريب رونبو ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي.

اهو ياد رکڻ گهرجي تہ ٻيجاري کي ڊي اي پي پاڻ هرگز نہ ڏيڻ گهرجي، ڊي اي پي پاڻ ڏيڻ سان ٻيجارو پاڙ هٽي ويندو ۽ پٽجڻ ۾ ڏکيائي ۽ ٻج جا سلا اڌ مان پٽجي پوندا.

Black Rice

# ڪارا چانور

سنڌ ۾ مختلف قسمن جون سارين جون جنسون ڪاميابيءَ سان پوکيون پيون وڃن ۽ هاڻ ڪارا چانور به پوکجڻ لڳا آهن. هن قسم جي چانورن کي متعارف ڪرائڻ لاءِ نوجوان محنتي آبادگار ريحان کوسو ڪوششون وٺي رهيو آهي، جنهن کي سنڌس انهن




ڪيل ڪوشش جي نتيجي ۾ گذريل سال جناب منظور حسين وساڻ مشيرِ زراعت حڪومتِ سنڌ هٿان مڃتا ايوارڊ ڏنو ويو. اهڙين ڪوشش کي قاضي اعجاز احمد مهيسر سيڪريٽري زراعت حڪومتِ سنڌ پاران هر سطح تي همٿايو پيو وڃي.

ڪارن چانورن جي دنيا ۾ گُهرج انڪري وڌي رهي آهي ڇاڪاڻ ته هي چانور صحت لاءِ مفيد آهن. ڪارن چانورن ۾ جسم مان زهريلن مادن کي خارج ڪرڻ واسطي خاصي مقدار ۾ فائٽونيوٽريئنٽس موجود آهن. ان ڪري ڪارا چانور واپرائڻ سان ماڻهو ڪافي بيمارين کان بچيل رهي ٿو. ڪارا چانور واپرائڻ سان شگر جي مريضن کي فائدو ٿئي ٿو ۽ ٿولهه به نٿي وڌي.

ريحان کوسو ڪارن چانورن تي مختلف ادارن ۽ آبادگارن سان گڏجي ڪم ڪري رهيو آهي. سندس چوڻ موجب هُن جن آبادگارن کي ڪارن چانورن جو ٻج سڄي ملڪ ۾ ڏنو آهي، تن مان ڪجھ آبادگارن 60 مڻ في ايڪڙ کان به وڌيڪ پيداوار حاصل ڪئي آهي.

# چانهين ۽ لاهوري گجر جي پوک

## چانهيون (Water melon):



**پوکيءَ جو وقت:** فيبروري کان جولاءِ.

**ٻج جو مقدار:** 2 ڪلوگرام في ايڪڙ.

**پوکيءَ جو طريقو:** ويڪرن ڪرين (ٻنن) تي.

**مفاصلو:** 6 فوٽ ويڪرا ڪريا (ٻنا) ۽ ٻوٽن جو مفاصلو ڏيڍ کان 2 فوٽ.

**ڪيميائي ڀاڻ:** ڊي اي پي هڪ کان ٻه ٻوريون، يوريا هڪ ٻوري ۽ پوٽاش هڪ ٻوري يا 3 ٻوريون زرخيز (8:23:18) في ايڪڙ پوکيءَ وقت باقي هڪ ٻوري يوريا ٻه دفعا پندرهين پندرهين ڏينهن ڏجي.

**پاڻي:** 10 کان 15 ڏينهن جي وقفي سان يا گهرج مطابق ڏجي.

## لاهوري گجر (Sweet Potato):

**پوکيءَ جو وقت:** اپريل کان مئي ۽ جولاءِ کان آگسٽ.

**ٻج جو مقدار:** 6 انچ جي ولين جا ٽڪرا 5 مڻ في ايڪڙ.

**پوکيءَ جو طريقو:** ڪرين (ٻنن) تي.

**مفاصلو:** ڪريي کان ڪريو 2 کان اڍائي فوٽ ۽ ٻوٽي کان ٻوٽو اڌ کان مُنو فوٽ.



**ڪيميائي ڀاڻ:** ڊي اي پي هڪ کان ٻه ٻوريون، يوريا هڪ ٻوري ۽ پوٽاش هڪ ٻوري يا 3 ٻوريون زرخيز (8:23:18) في ايڪڙ پوکيءَ وقت باقي هڪ ٻوري يوريا ٻه دفعا پندرهين پندرهين ڏينهن ڏجي.

**پاڻي:** پهريان ٻه ٽي پاڻي تڪڙا، بعد ۾ ڍهين ڏينهن ضرورت مطابق.

# وونئٽن جي ويڪرن ڪرڻ تي پوکيءَ جا فائدا

رسول بخش جوڻيجو، ڊائريڪٽر سکر ڊويزن

اسين تجرباتي طور تي وونئٽن جي پوکي 4 فوٽن جي ويڪرن ڪرين يا ٻنن تي ڪرايون ٿا. جن جي نالين جي ويڪر اهڙي طرح رکيل هوندي جيئن ٻوٽن جو آمهون سامهون مفاصلو اڍائي فوٽ هوندو. هي طريقو سکر واري علائقي ۾ گهٽي گرم هئڻ ڪري نهايت مفيد آهي.

رواجي طريقي ۾ گرميءَ جي ڪري چونڊو آسانيءَ سان نٿو ٿئي، ان ڪري آبادگار چونڊي لاءِ موسم جي ٿڌي ٿيڻ جو انتظار ڪن ٿا. ليڪن چونڊي ۾ دير ڪرڻ جي ڪري مينهن اچي وڃن ٿا ۽ اڃي مک جو به حملو شروع ٿي وڃي ٿو جنهن جي ڪري نقصان ٿئي ٿو. جڏهن ته ويڪرن ڪرين تي پوکي ڪرڻ سان گرم مُند ۾ به چونڊو آسانيءَ سان ڪري سگهجي ٿو ۽ اڃي مک جي حملي کان به بچي سگهجي ٿو. ان سان گڏ ويڪرن ڪرين کي ڏڪي چڙهڻ سان زمين اڳيئن فصل لاءِ وڌيڪ زرخيز رهي ٿي ۽ فائديمند زميني جيوڙن جي افزائش بهتر ٿئي ٿي. جڏهن ته ويڪرن ڪرين ۾ پنهنجو هئڻ ڪري مينهن جو اضافي پاڻي جذب ڪرڻ جي به صلاحيت وڌيڪ هجي ٿي. هن طريقي ۾ ٻوٽن جو تعداد وڌيڪ رکي وڌيڪ پيداوار حاصل ڪري سگهجي ٿي.

## آڳاٽي وونئٽن جي پوک

(رسول بخش جوڻيجو، ڊائريڪٽر زرعي توسيع سکر ڊويزن)

وونئٽن جي سکر واري علائقي ۾ ناياب-878 ۽ ايس ايس-32 جنسن جي آڳاٽيءَ پوکيءَ ۾ تمام سٺي پيداوار لڌي ٿي. گذريل سال هنن جنسن کي آڳاٽيءَ پوکيءَ طور استعمال ڪندي هڪڙي زميندار پنهنجي 12 ايڪڙن مان في ايڪڙ 28 مڻ سراسري پيداوار حاصل ڪئي. آڳاٽي پوکيءَ جي ڪري مينهن پوڻ کان پهرين ئي هي آبادگار 22 مڻ في ايڪڙ پيداوار ڪٽي ويو جڏهن ته بقايا 6 مڻ مينهن کان پوءِ وونئٽن جي چوٽين مان هُن حاصل ڪيا. آبادگارن کي صلاح آهي ته اُهي هنن جنسن کي پوکين ۽ چونڊي لاءِ جيئن ئي گوگڙا ٽڙن ته اُنهن جو چونڊو ڪيو وڃي ته مينهن کان اڳ ئي سٺي پيداوار ملي ويندي. هي ٻئي جنسون جلد ڦر ڪڍن ٿيون ۽ جلدي ئي پچي تيار ٿين ٿيون.

# زمين ۽ فصلن لاءِ سلفر جي اهميت ۽ افاديت

ڊاڪٽر اسلام الدين مجيداڻو ۽ ڪليم الله شيخ

فصل جي خوراڪي گهرج موجب سلفر ٻي درجي وارن خوراڪي جزن ۾ اچي ٿو جڏهن ته نائٽروجن، فاسفورس ۽ پوٽاش پهرين درجي ۾ اچن ٿا. انهي هوندي به سلفر کي فصلن جي خوراڪ جو اهم جز سمجهو وڃي ٿو. مٽي ۽ پاڻي جي چڪاس جي ماهرن جي هڪ راءِ موجب ته سنڌ توڙي پاڪستان ۾ سلفر جي کوٽ ڪٿي به رپورٽ نه ٿي آهي. جڏهن ته سلفر جو استعمال ڪجي ٿو ته پوءِ سلفر ڪيلشم سان ملي زمين اندر پنهنجو ڪردار ادا ڪري ٿو. ٻوٽي اندر سلفر جي کوٽ جي صورت ۾ ٻوٽي جي چوٽي وارا پن سنهڙا واڱڙائي ۽ پيلا نظر اچن ٿا ۽ صحت مند ٻوٽي جي ڀيٽ ۾ متاثر ٻوٽن جون پاڙون وڌيڪ ڏگهيون ٿيو وڃن ۽ ٻوٽي جي واڌ ۾ رڪاوٽ ٿئي ٿي.

زمين اندر سلفر جي موجودگي هئڻ ڪري ٻوٽن کي لڳندڙ امڪاني بيمارين کان روڪ ٿئي ٿي. جڏهن ته ٻوٽن اندر سلفر جي موجودگي هئڻ ڪري فصلن، پاڇين ۽ باغن جي سمورن وڻن ٻوٽن جي ملندڙ شين اندر هڳاءَ ۽ ذائقو برقرار رهي ٿو. داليُن اندر سلفر جي موجودگي ٻوٽن جي پاڙن اندر نهندڙ نائٽروجن وارين ڳوڙهين جي تعداد ۾ واڌارو ٿئي ٿو فصلن جي لاباري کان پوءِ اهي ڳوڙهيون زمين اندر رهجي وڃن ٿيون، جنهن سان زمين اندر نائٽروجن جو واڌارو ٿئي ٿو. تيلي ٻجن وارن فصلن اندر سلفر جي موجودگي هئڻ ڪري ٻجن اندر تيل جو سيڪڙو وڌائڻ ۾ مدد ملي ٿي. سلفر ٻوٽي اندر امائينوايسڊ ۽ فوٽوسينٿيسز ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو.

زمين جي نامياتي مادي ۽ ڪيميائي ڀاڻ ٻنهي اندر سلفر جو مقدار 90 سيڪڙو موجود هوندو آهي. نامياتي مادي ۾ موجود سلفر ٻوٽي کي سست ۽ گهٽ مقدار ۾ ملي ٿو. چاڪاڻ ته سنڌ جي زمينن جي ڪارپڊ سراسري 8 کان 8.5 آهي. عام طور تي ڪارپڊ کي گهٽائڻ لاءِ جپسم يا سلفر ڪيميائي ڀاڻ استعمال ڪرڻ جي سفارش ڪئي ويندي آهي، ان عمل ڪرڻ سان زمين ۾ سلفر جي گهٽتائي کي قابو ڪري سگهجي ٿو. زمين اندر نامياتي مادي جو 5 سيڪڙو هئڻ ضروري سمجهو وڃي ٿو. جڏهن ته سنڌ جي زمين اندر نامياتو مادو 1 سيڪڙو کان به گهٽ آهي. سنڌ جي زمين اندر اجا تائين جن ڪيميائي جزن جي گهٽتائي ڏٺي وئي آهي، انهن ۾ نائٽروجن، فاسفورس، پوٽاش، زنڪ، بوران ۽ ڪاپر اچي وڃن ٿا.

آبادگار جيڪڏهن پنهنجي زمين اندر سلفر جو استعمال ڪرڻ چاهين ٿا ته پوءِ پهرين زمين جي چڪاس ڪرائين ۽ پوءِ مليل سفارشن تي عمل ڪن. نامياتي مادي کي وڌائڻ لاءِ وٿاڻ جو ڀاڻ، سائو ڀاڻ ۽ ٻوٽن جي بچتو حصن جو استعمال ڪيو وڃي، انهن نامياتي پاڙن اندر سلفر جو مقدار وڌيڪ ٿئي ٿو. آبادگار ٻوٽن جي بچتو حصن کي ملچ طور استعمال ڪن، جڏهن ته وٿاڻ جي ڀاڻ جو استعمال زمين اندر هر ٻن سالن کان پوءِ ڪن ۽ سائي ڀاڻ جي استعمال کي وارقير سان زمين ۾ ملائين. انهن ڏنل صلاحن تي عمل ڪرڻ سان زمين اندر سلفر جو پوراءُ ٿي ويندو. ٻي صورت ۾ ڪيميائي ڀاڻ واري يا پاٽياٽ جي صورت ۾ سلفر جي استعمال سان آبادگارن جو خرچ وڌي ويندو.

# وونئڻ جي پوک لاءِ پاڻ جو صحيح استعمال ۽ ان جي اهميت

ڊاڪٽر مظهر الدين ڪيريو، ڊائريڪٽر سي آر آءِ ٽنڊوڄام

سريش ڪمار اوڊ ۽ ثناءُ الله سولنگي، سينيئر سائنٽيسٽ سي آر آءِ زرعي تحقيقي ادارو ٽنڊوڄام

وونئڻ جي بهتر پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ زمين ۾ نامياتي مادي جو هئڻ تمام ضروري آهي. نامياتي مادي جي کوٽ جو وڏو سبب ڪيميائي پاڻ جو لڳاتار استعمال آهي جڏهن ته وٿاڻ ۽ سائي پاڻ جي استعمال سان نه رڳو زمين جي زرخيزي وڌي ٿي پر اُن ۾ پاڻي جهلڻ جي برداشت پڻ وڌي ٿي. ان سان گڏوگڏ ڪيميائي پاڻ جو به استعمال گهٽجي ٿو ۽ ڪيميائي پاڻ بهتر نموني ٻوٽن کي ملي ٿو. ان لاءِ اها ڪوشش ڪئي وڃي ته ڪيميائي پاڻ سان گڏوگڏ زمينن ۾ وٿاڻ جو يا سائو پاڻ ڏيڻ طرف ڌيان ڏجي ته جيئن ٻوٽا آساني سان زرخيز زمين مان پنهنجي ضرورت مطابق خوراڪ حاصل ڪري سگهن.

آبادگار ڀائرن کي گذارش ٿي ڪجي ته اهي پوکي ڪرڻ کان اڳ مٽيءَ ۽ پاڻيءَ جي چڪاس ضرور ڪرائين ته جيئن ضرورت مطابق ڪيميائي پاڻ جو مقدار، زمين جي زرخيزي، قسم، پوکيءَ جو وقت، ٻوٽن جي تعداد ۽ وونئڻ کان پهرئين پوکيل فصل کي نظر ۾ رکجي. عام طور تي اسان وٽ ڪڻڪ کان پوءِ وونئڻ جو فصل ئي پوکيو ويندو آهي.

ان لاءِ نائٽروجن (Urea)، فاسفورس (DAP) ۽ پوٽاشيم (SOP)، زنڪ (Zinc)، بوران (Boran) جو استعمال ڪرڻ گهرجي. اسان وٽ گهڻو ڪري آبادگار ڀائر وونئڻ جي فصل لاءِ ضرورت مطابق وقتائتو نائٽروجن، فاسفورس ۽ پوٽاشيم پاڻ جو استعمال نه ڪندا آهن. ائين ڪرڻ سان ٻوٽن ۾ بي چيني يعني هاضمي جي نظام کي اثرانداز ڪري فصل کي نقصان پهچايو وڃي ٿو. جنهن جي ڪري ٻوٽن ۾ فاسفورس ۽ پوٽاشيم جي کوٽ ٿي وڃي ٿي ۽ نائٽروجن جي گهڻي استعمال سان ظاهري طرح فصل سرسبز ۽ پلو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. پر فصل ۾ گل ۽ گوگڙا گهٽجي ويندا آهن ۽ گوگڙن جو وزن به وڌي نه سگهندو ۽ ڪمزور هجڻ ڪري اُهي ڇڻي وڃن ٿا. ان ڪري پيداوار کي سخت نقصان رسي ٿو. اُن ڏس ۾ زرعي ماهرن جي تجربن ۽ نئين تحقيق اهو ثابت ڪيو آهي ته ڪيميائي پاڻ جي اهميت ۽ خوراڪ موجب استعمال ڪرڻ گهرجي. ان جو ذڪر هيٺ ڪيون ٿا.

**نائٽروجن (Urea):** هي هڪ اهم ۽ ضروري ڪيميائي پاڻ جي صورت ۾ ٻوٽن جي واڌويجهه کي وڌائي ٿو. اسان وٽ صوبي سنڌ اندر زمينن ۾ تقريباً نائٽروجن جي کوٽ آهي. جڏهن ته ٻوٽن کي تمام گهڻي نائٽروجن جي ضرورت پوندي آهي. خاص طور فصل ڦٽڻ کان گل ڀاڄي ۽ گوگڙا ٺهڻ مهل نائٽروجن جي تمام گهڻي ضرورت پوندي آهي. گوگڙن جي واڌويجهه وقت ٻوٽا پنن جي ذريعي نائٽروجن پنهنجي طرف منتقل ڪرڻ شروع ڪندا



آهن. نائٽروجن جي گهٽتائي سبب کان پهرئين ٻوٽي جي هيٺين پنن تي ظاهر ٿيڻ شروع ٿي ويندي آهي جنهن ڪري انهن جو رنگ هلڪو سائو يا پيلو ٿي ويندو آهي ان سان گڏوگڏ ٻوٽي جي واڌويجهه به رڪجي وڃي ٿي.

**فاسفورس (DAP):** فاسفورس ٻوٽي جي پاڙن، گوگڙن جي نشونما، مناسب وقت تي تيزو ۽ ريشي /رُوئي جي معيار ان کانسواءِ ڪڪڙي جو وزن ۽ ان ۾ تيل جي مقدار کي وڌائي ٿو. فاسفورس جي گهٽتائي سبب ٻوٽن جون پاڙون ۽ چوٽيون ڪمزور ٿين ٿيون ۽ گوگڙن جي ٽڙڻ ۾ پنن ۾ سائي مادي جي کوٽ اچي ويندي آهي ۽ پن ڳاڙهاڻ رنگ جي شڪل اختيار ڪرڻ شروع ٿي ويندا آهن ۽ گوگڙن جو لڳڻ پڻ گهٽجي ويندو آهي.

**پوٽاشيم (SOP):** وونئڻ ۾ گوگڙن اندر ٺهندڙ ريشو/روئي (Lint) جي بناوت ۾ پوٽاشيم جو اهم ڪردار آهي. پوٽاشيم جي گهٽتائي سان نه رڳو ريشي جو معيار خراب پر پيداوار تي به اثر پوندو آهي.

کوٽ جي صورت ۾ ٻوٽي جي پراڻن پنن جي ڪنارن ۽ چنهب کان سرخي ظاهر ٿيندي آهي ۽ پوري رنگت اختيار ڪري پيلاڻ طرف وڃڻ شروع ٿي ويندا آهن. فصل جو قد ننڍو ۽ ان تي بيمارين جو حملو به وڌي وڃي ٿو. ان کانسواءِ پاڙن جي واڌويجهه به متاثر ٿئي ٿي. پوٽاشيم جي تمام گهڻي ضرورت گل جي ٺهڻ وقت هوندي آهي.

**زنڪ (Zinc):** زنڪ جي گهٽتائي سبب نوان پن ننڍا ۽ پيلاڻ طرف ويندا آهن. گل ڀاڄي جو ڇڻڻ تمام گهڻو ۽ ٻوٽي جي واڌويجهه تي به اثر پوندا آهن. زنڪ جي موجودگي ٻوٽي جي اندر هاضمي وارو ڪم يا ائين چئجي ته بين خوراڪي جزن کي حل ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿي.

**بوران (Boran):** بوران فصل ۾ گل ڀاڄيءَ ۽ گوگڙن جي تعداد کي اضافو ۽ انهن کي ڇڻڻ سان گڏوگڏ تيزي ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿو. بوران جي گهٽتائي سبب پنن ۾ پيلاڻ، گهنجيل ۽ انهن جي شڪل ۾ بگاڙ ۽ هيٺين طرف مڙي وڃن ٿا.

# انب جا مکيہ نقصانڪار جيت ۽ انهن جو تدارڪ

سجاد حسين رند، سينيئر سائنٽيسٽ ايگريڪلچر ريسرچ سنڌ، ٽنڊو ڄام

**انب جو مهلو:**

انب جو مهلو انب جي وڻ جو هڪ اهم نقصان رسائڻ وارو جيت آهي. جيڪو تقريبن سڄو سال انب تي موجود هوندو آهي.هن جيت جو بالغ هلڪي پوري يا ميرانجهڙي رنگ جو ٿيندو آهي. هن جي جسم تي پر موجود هوندا آهن. جنهن جي ڪري اڪثر انب جي وڻ جي ٿڙ، پنن ۽ گونچن تي اڏامندي نظر ايندو آهي. هن جيت جي بالغ مادي تقريبن 150 کان 200 آنا گلن، گونچن ۽ نرم تارين تي لاهيندي آهي. اهي آنا شروع ۾ اڇي رنگ ۽ بيضوي شڪل جا هوندا آهن پوءِ اهي سائي رنگ ۾ تبديل ٿي ويندا آهن. انهن آنن مان تقريبن 7 کان 10 ڏينهن ۾ ٻچا ڦٽي نڪرندا آهن. انب جي مهلي جا ٻچا آنن مان نڪرڻ مهل هلڪي پيلي رنگ جا هوندا آهن. اهي ٻچا تقريبن 2 کان 4 هفتن ۾ بالغ ٿي ويندا آهن. انب جو مهلو پنهنجي زندگي جو ڦيرو تقريبن 30 کان 35 ڏينهن ۾ مڪمل ڪندو آهي.

**نقصان:** انب جي مهلي جي بالغ مادي سياري جي موسم گذارڻ کان پوءِ فيبروري مهيني ۾ انب جي گونچن، گلن ۽ نرم ترين تي آنا لاهڻ شروع ڪندي آهي. هن جيت جا ٻچا آنن مان نڪرڻ کان پوءِ انب جي وڻ جي گونچن، گلن ۽ پنن تان رس چوسي نقصان رسائڻ شروع ڪندا آهن. هن جيت جي شديد حملي جي ڪري انب جا پن ڪارا ٿي ويندا آهن. جنهن جي ڪري ٻوٽي ۾ روشنائي ترڪيب ذريعي کاڌو ناهڻ جو عمل متاثر ٿيندو آهي ۽ پيداوار گهٽ لهندي آهي.

**انب جو مڄ:** انب جو مڄ هڪ ننڍڙو جيت آهي جيڪو مکين جي خاندان سان واسطو رکي ٿو. هن جيت جا پوري دنيا ۾ تقريبن 10 کان 20 قسم ملن ٿا. جيڪي مختلف ٻوٽن جي مختلف حصن جهڙوڪ گلن، گونچن، مکڙين ۽ پنن تي حملي آور ٿي نقصان رسائن ٿا. هن جيت جا 2008 ۾ ٻہ قسم انبن تي سڃاتا ويا. انهن ۾ هڪڙو قسم انبن جي گلن کي نقصان رسائي ٿو ان کي انب جي گلن جو مڄ ۽ ٻيو وري پنن تي ڳوڙهيون ناهي نقصان رسائي ٿو. انهن ٻنهي قسمن جي مڄن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

**انب جي پنن جو مڄ:** هن جيت جو بالغ ڪاري رنگ جو ۽ ان جا ڇهڻا يا مڇون ڏگهيون هونديون آهن. هن جيت جي جسم تي ٻہ شفاف پر هوندا آهن. انب جي پنن جي مڄ جو ٻچو پيلي رنگ جو هوندو آهي سوبٽ وارو مرحلو زمين ۾ گذاريندو آهي. انب جي مڄ جي بالغ مادي پنن جي هيٺين پاسي کان آنا ڏيندي آهي. انهن آنن مان ٻچا نڪرڻ کان پوءِ انب جي پنن ۾ سوراخ ڪري پنن ۾ اندر داخل ٿي ويندا آهن. اهي ٻچا پنن ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ پنن ۾ ڳوڙهيون ناهڻ شروع ڪن ٿا. جنهن جي ڪري انب جي پنن تي ڳوڙهين جا نشان واضع ڏسڻ ۾ ايندا آهن.



انب جي پنن جي مڄ جي شديد حملي جي ڪري انب جا پن ڪمزور ٿي سڪڻ شروع ڪندا آهن.

**انب جي گل ٻاتي جو مڄ:**

انب جي گل ٻاتي جو بالغ ڳاڙهي رنگ جو ٿيندو آهي. هن جيت جي بالغ مادي انب جي گلن يا گل ٻاتي تي 50مکان 55 آنا ڏيندي آهي. انهن آنن مان تقريبن 2 کان 3 ڏينهن ۾ ٻچا ڦٽي نڪرندا آهن. انب جي گل ٻاتي جي مڄ جا ٻچا آنن مان نڪرڻ مهل چمڪيلا هوندا آهن ۽ آهي ٻچا آنن مان نڪرڻ کان پوءِ گل ٻاتيءَ ۾ سوراخ ڪري اندر داخل ٿي ڪري نقصان رسائڻ شروع ڪندا آهن. جنهن جي ڪري انب جي گل ٻاتي سڪي ڇڻي پوي ٿي.

**انب جو ميلي بگ:** انب جي ميلي بگ انب جي مکيہ نقصان رسائڻ وارن جيتن ۾ شمار ٿئي ٿي. انب جي ميلي بگ جي بالغ مادي گلابي رنگ جي هوندي آهي. جنهن جو جسم اڇي رنگ جي پاؤڊر سان ڍڪيل هوندو آهي ۽ جسم تي پر ڪو نہ هوندا آهن. هن جيت جي بالغ مادي تقريبن 200 کان 300 آنا لاهيندي آهي، اهي آنا بالغ مادي جي جسم جي پوئين حصي ۾ ڇهتيل هوندا آهن ۽ اهي آنا زمين ۾ لاهيندي آهي. پوءِ آنن مان ٻچا نڪرندا آهن اهي ٻچا گلابي رنگ جا ٿيندا آهن. آنن مان ڦٽي نڪرڻ کان پوءِ انب جي ٿڙ جي مدد سان انب تي مٿي چڙهڻ شروع ڪندا آهن. جڏهن انب جي وڻ جي تارين، گونچن ۽ گلن تي پهچي نقصان رسائڻ شروع ڪندا آهن. جتي پنهنجي زندگيءَ جو ٻيو ۽ ٽيون مرحلو اتي گذاريندا آهن۽ انب جي وڻ کي نقصان رسائيندا آهن.

**نقصان:** انب جي ميلي بگ جا ٻچا سيپٽمبر يا آڪٽوبر مهيني ۾ آنن مان نڪرڻ کان پوءِ زمين تان انب جي ٿڙ جي مدد سان انب جي وڻ تي چڙهڻ شروع ڪندا آهن. اهي ٻچا انب جي گلن، گونچن ۽ پنن تي چهٽي پوندا آهن ۽ انهن مان رس چوسي نقصان رسائڻ شروع ڪندا آهن. انب جي ميلي بگ جي شديد حملي جي صورت ۾ انب جي وڻ جا پن ڪارا ٿي ويندا آهن ۽ انب جا گل سڪي ڇڻي پوندا آهن.



## انب جي ميوي واري مک:

ميوي واري مک انب جو هڪ اهم ۽ تمام گهڻو نقصان رسائڻ وارو جيت آهي. هن جيت جو بالغ هلڪي پوري رنگ جو ٿيندو آهي ان جون ٽنگون پيلي رنگ جون ٿينديون آهن. انب جي ميوي واري مک جي بالغ مادي تقريبن 100 کان 150 آنا انب جي ميوي ۾ اندر داخل ڪندي آهي. جنهن مان تقريبن 2 کان 3 ڏينهن ۾ ٻچا انب جي ميوي ۾ اندر ڦٽي نڪرندا آهن.ميوي واري مک جا ٻچا ميوي کي نقصان رسائڻ کان پوءِ سوبٽ واري مرحلي ۾ داخل ٿيڻ لاءِ زمين ۾ اندر هليا ويندا آهن. جتان تقريبن 10 کان 15 ڏينهن کان پوءِ بالغ ٿي ٻاهر نڪرندا آهن.

**نقصان:** ميوي واري مک جا ٻچا يا ڪيئان انب جي ميوي کي اندرئي اندر رهي ڪري نقصان رسائيندا آهن جنهن جي ڪري انب جو ميوو خراب ٿي وڻ مان ڪري پوندو آهي ۽ کائڻ جي قابل نه رهندو آهي.

## انب جي پنن ۾ سرنگهه ٺاهيندڙ جيت:

هن جيت جو بالغ هلڪي پوري رنگ جو هوندو آهي. هن جيت جي بالغ مادي تقريبن 8 کان 10 آنا پنن ۾ داخل ڪندي آهي. انهن آنن مان تقريبن 3 کان 5 ڏينهن ۾ ٻچا ڦٽي نڪرندا آهن. اهي ٻچا آنن مان نڪرڻ کان پوءِ پنن ۾ سرنگهه ٺاهڻ شروع ڪندا آهن. هن جيت جو ٻچو تقريبن 10 کان 15 ڏينهن تائين پن ۾ اندر رهندو آهي. ان کان پوءِ سوبٽ ٿيڻ لاءِ زمين ۾ هليو ويندو آهي. هي جيت سوبٽ وارو مرحلو تقريبن 5 کان 8 ڏينهن جو هوندو آهي. جنهن کان پوءِ بالغ ٿي ٻاهر نڪرندو آهي.

**نقصان:** انب جي پنن ۾ سرنگهه ٺاهيندڙ جيت جو ڪيئون پنن ۾ سرنگهه ٺاهي پنن ۾ موجود سائي مادي کي کائي ختم ڪري ڇڏيندو آهي. ان جي ڪري انب جو پن سڪي ويندو آهي. جنهن جو اثر انبن جي پيداوار تي ٿئي ٿو۽ پيداوار گهٽ لهي ٿي.

**انب جو ٿرڙو:** هن جيت جي بالغ مادي انب جي نون گونچن ء پنن تي آنا ڏيندي آهي.اهي آنا اڇي رنگ جا هوندا آهن جن مان تقريبن 2 کان3 ڏينهن ۾ ٻچا ڦٽي نڪرندا آهن. اهي ٻچا هلڪي پوري رنگ جا هوندا آهن جيڪي تقريبن 20 کان 25 ڏينهن ۾ بالغ ٿي ويندا آهن. هن جيت جي بالغ ماديءَ جي جسم تي پر هوندا آهن. انب جو ٿرڙو پنهنجي زندگيءَ جو ڦيرو تقريبن 30 کان 35 ڏينهن ۾ پورو ڪندو آهي.

**نقصان:** هن جيت جا ٻچا توڙي بالغ انب جي پنن مان رس چوسي نقصان رسائيندا آهن. هن جيت جي شديد حملي جي صورت ۾ انب جا پن چاندي نما ٿي ۽ انهن جو ڪناريون مڙي پونديون آهن. جنهن جي ڪري انب جا پن سڪڻ شروع ڪندا آهن ۽ پوءِ آخر ۾ ڇڻي پوندا آهن.

## تدارڪ:

- انبن جي باغن جي صفائي جو خاص خيال رکيو وڃي
- گند گاهه ۽ ٻيا ميزبان ٻوٽا ختم ڪيا وڃن
- گهٽي پاٽيءَ ۽ ياڻ جي استعمال کان پاسو ڪجي.
- انب جي چوڌاري ڳڏ يا اونها هر ڏجن جيئن انب جي ميلي بگ جا ٻچا متاثري تي ٻاهر نڪري مري وڃن
- انب جي ميوي واري مک جي تدارڪ لاءِ خراب ميوا ميڙي کنهن اونهي کڏ ۾ دفن ڪري ڇڏجن.
- انب جي ميوي واري مک جي نقصان کان بچاءِ لاءِ جنسي ڦندن جو استعمال ڪجي.
- ميوي واري مک جي بچاءِ لاءِ اونها هر ڏجن ته جيئن ميوي واري مک جا ٻچا زمين جي متاثري تي نڪرن ۽ پکين جو کاڄ بڻجن.
- غير ضروري زرعي زهرن جي استعمال کان پاسو ڪجي. هميشه زرعي زهرن جو استعمال زرعي ماهرن جي مشوري سان ڪجي يا هيٺ ڏنل زرعي زهرن جو استعمال ڪجي.

| مقدار في ايڪڙ | زرعي زهر جو نالو | جيت جو نالو |
|---|---|---|
| 40 ملي لٽر في 100 لٽر پاڻي ۾<br>24 گرام في ايڪڙ | ڪونفيڊور 200 ايس ايل<br>ايڪٽارا | انب جو مهلو |
| 250 ملي لٽر في 100 لٽر پاڻي ۾ | ٽال اسٽار | انب جو مچ |
| 60 ملي لٽر في 100 لٽر پاڻي ۾ | ڪراٽي | انب جو ميلي بگ |
| 120 گرام في ايڪڙ<br>250گرام في ايڪڙ | استيٽڪ اسپائينوسيڊ<br>ٽرائيڪلوروفام | انب جي ميوي جو مک |
| 250 ملي لٽر في 100 لٽر پاڻي ۾ | ٽال اسٽار | انب جي پنن ۾ سرنگهه ٺاهيندڙ جيت |
| 40 ملي لٽر في 100 لٽر پاڻي ۾ | ڪونفيڊور 200 ايس ايل | انب جو ٿرڙو |

# سنڌ ۾ مڱن جي پوک

شهود احمد صديقي

**زمين جي تياري (Field Preparation):** سڀ کان پهريائين اِن ڳالهه جو خاص خيال رکندا ته مڱن جو فصل پوکي ڪرڻ لاءِ لٽياسي زرخيز، وارياسي وچولي زمين نهايت موزون آهي. زمين کي ٻه يا ٽي هر ڏئي پاٽيو (سانهر) ڏئي پٽر پٽر پيچي گندگاهه ڪڍي زمين کي پوکيءَ لاءِ هموار ڪجي، پر پوکي ڪرڻ وقت ان ڳالهه جو خاص خيال رکڻ گهرجي ته زمين ۾ موافق سيڪ (ريج) رهي ۽ زمين خشڪ نه ٿئي، نه ته ٻج جو ڦوٽهڙو گهٽ ٿيندو ۽ پيداوار گهٽ ملندي.

**جنسون (Varities):** سنڌ صوبي لاءِ هيٺيون جنسون سفارش ڪجن ٿيون:

**1. سي-32:** هن جنس جو قد وچولو ۽ چمڪندڙ داڻو آهي، هي پوکيءَ کان پوءِ 80 کان 85 ڏينهن ۾ پچي ٿي، هن جي پيداوار 8 کان 12 مڻ في ايڪڙ آهي.

**2. ديسي جنس:** هن جنس جو قد وڏو ۽ داڻو ننڍو آهي. پوکيءَ کان پوءِ 85 کان 90 ڏينهن ۾ پچي ٿي، پيداوار 6 کان 8 مڻ في ايڪڙ آهي.

**3. اي اِي ايم-96 (AEM 96):** جنس 70 کان 80 ڏينهن ۾ پچي تيار ٿئي ٿي، هن جو ٻوٽو گهاٽو ۽ قد ننڍو ٿئي ٿو. هن جي پيداوار 8 کان 12 مڻ في ايڪڙ آهي.

**پوکڻ جو وقت (Time of Sowing):** مڱن جو فصل پوکڻ جون ٻه موسمون آهن. هڪ وچ فيبروري کان مارچ جي آخر تائين ۽ ٻيو جون-جولاءِ جا مهينا. بهار واري مند جي پوکي تي جيتن جو حملو گهٽ ٿئي ٿو پر پيداوار به گهٽ اچي ٿي. جون ۽ جولاءِ واري موسم ۾ جيتن جو حملو وڌيڪ ٿئي ٿو پر پيداوار وڌيڪ حاصل ٿئي ٿي.

**پوکيءَ جو طريقو (Sowing Method):** مڱن جي فصل جي پوکي ٻن طريقن سان ڪري سگهجي ٿي. يعني ناڙيءَ رستي يا ڇٽ ڪيڙ وسيلي، ليڪن ناڙيءَ رستي پوکي ڪرڻ بهتر آهي، ڇاڪاڻ ته ان سان گندگاهه آسانيءَ سان ڪڍي سگهجي ٿو. ان ڪري فصل مان پيداوار به وڌيڪ وٺي سگهجي ٿي. مڱن جي پوکيءَ لاءِ ناڙي هڪ فوٽ جي مفاصلي تي ڪرڻ گهرجي. پوکي ڪرڻ وقت ان ڳالهه جو خاص خيال رکڻ گهرجي ته زمين خشڪ نه هئڻ گهرجي.

**ٻج (Seed):** مڱن جو ٻج صاف صحتمند ۽ ملاوٽ کان پاڪ پوکڻ گهرجي. تتل پڳل، ڪيڙي وارو يا بيمار ٻج پوکڻ کان پاسو ڪجي، ائين ڪرڻ سان ٻج جو ڦوٽهڙو صحيح ٿيندو ۽ پيداوار به وڌيڪ ملندي. ٻج جو مقدار ناڙيءَ رستي پوکيءَ لاءِ 6 کان 8 ڪلوگرام في ايڪڙ ۽ ڇٽ رستي 8 کان 10 ڪلوگرام في ايڪڙ پوکڻ گهرجي.

**پاڻ (Fertilizer):** زرعي ماهرين جي تجربن وسيلي اهو ثابت ٿيو آهي ته ڪيميائي پاڻ استعمال ڪرڻ سان پيداوار وڌيڪ حاصل ڪري سگهجي ٿي. مڱن جو فصل پوکيءَ کان پهريائين هڪ ٻوري ڊي اي پي پاڻ آخري هر سان ملائي پوءِ پوکي ڪرڻ گهرجي.

**پاڻي (Irrigation):** مڱن جي فصل کي ٽي پاڻي ڏيڻ گهرجن. پهريون پاڻي پوکيءَ کان ٽي هفتا پوءِ ڏجي، ٻيو پاڻي گلن اچڻ مهل ۽ ٽيون پاڻي ڦرين نهڻ مهل ڏيڻ گهرجي، اهو خيال رکڻ گهرجي ته ٻنيءَ ۾ پاڻي گهڻو وقت نه بيهي. مڱن جي فصل ۾ پاڻي جي ضرورت 18 ڊيلٽا في ايڪڙ آهي.

**جيت تڏ:** مڱن جي پوکيءَ کانپوءِ تقريبن 15 کان 25 ڏينهن تائين تڏ جو حملو شروع ٿئي ٿو ۽ پن کي ٽڪي سوراخ ڪيو ڇڏيندو آهي.

**جونءِ:** هن جيت جو حملو مڱن جي فصل تي پوکي کانپوءِ هڪ کان ٻن مهينن جي اندر خاص ڪري پنن تي ٿئي ٿو ۽ پنن جو رس چوسي ٻوٽي کي سڪائي ڇڏيندو آهي، هي گلن ۽ ڦرين نهڻ جو وقت هوندو آهي. هن جي حملي جي ڪري پيداوار تي به اثر ٿئي ٿو. هن کان بچاءُ لاءِ ڦوهارو ڪجي ۽ ان سان گڏ فصل کي پاڻي به ضرور ڏيڻ گهرجي سوڪ ختم ٿئي.



**مهلو:** هي جيت به جونءِ وانگر پوکيءَ کانپوءِ ٻن مهينن اندر خاص ڪري برسات جي مند ۾ پنن ۽ گلن تي حملو ڪري پنن جو رس چوسي ٻوٽي کي ڪافي نقصان رسائي ٿو ان ڪري پيداوار به گهٽجي ٿي.

**اڏوهي:** هي جيت ٻوٽي جي پاڙ تي حملو ڪري ٻوٽي جي پاڙ کائي سڪائي ختم ڪري ڇڏي ٿو. هن کان بچاءُ لاءِ ٻوٽي کي پاڙان پٽي ٻاهر ڦٽو ڪجي ۽ فصل کي پاڻي ڏجي.

**بچاءَ لاءِ اپاءَ:** مٿي ڄاڻايل سڀني جيتن مان جونءَ ۽ مهلو مڱن جي فصل کي تمام گهڻو نقصان رسائين ٿا. ان ڪري جڏهن به هي جيت مڱن جي فصل تي حملو ڪن ته هڪدم ٿايوڊان 35 سيڪڙو پاڻيات هڪ ليٽر زهر سو ليٽر پاڻي ۾ يا ايٿيا 500 ملي لٽر زهر 80 کان 100 لٽر پاڻي ۾ ملائي في ايڪڙ ڦوهارو ڪرڻ گهرجي. صرف مهلي جي صورت ۾ زرعي ماهرن سان صلاح مشورو ڪري بروقت فصل کي زرعي زهر جو ڦوهارو ڪرڻ گهرجي.

**گندگاهه (Weeds):** مڱن جي فصل مان وڌيڪ پيداوار وٺڻ لاءِ تمام ضروري آهي ته فصل مان گندگاهه ڪيڏڻ گهرجي. جيڪڏهن گندگاهه نه ڪڍيو ويندو ته زمين جي سموري خوراڪ گاهه کائيندو ۽ پيداوار به گهٽ لهندي. پوکيءَ کان پوءِ پهريون ڀيرو 30 کان 40 ڏينهن بعد پاڙون گاهه ڪڍي ڦٽو ڪجي، ٻيو ڀيرو جڏهن گاهه نظر اچي ته ڪڍجي، جيئن پيداوار صاف ۽ سٺي لهي سگهي.

**لابارو (Harvesting and Threashing):** جيئن ته آبادگار پائرو وقت تمام قيمتي آهي، ان ڪري هر ڪم مناسب وقت تي ڪرڻ ۾ ئي فائدو هوندو آهي، فصل ۾ جڏهن ڦريون تقريباً 90 کان 95 سيڪڙو پڪل نظر اچن ته ان وقت لابارو ڪجي، لاباري ڪرڻ کانپوءِ فصل کي سڪائجي، جڏهن وَل سڪي وڃي ته ڏڳن يا ٽريڪٽر سان ڳاهه ڪجي يا ٿريشر هڻجي، اسٽور ڪرڻ کان پهريان ڪجهه ڏينهن لاءِ اس ۾ رکجي، پوءِ صاف ڪري ان کي اسٽور ڪجي يا مارڪيٽ موڪلجي.

# موسمي تبديليءَ جا اثر جي زرعي پئداوار تي اثر

ٽيڪم جگتاڻي، رٽائرڊ ڊائريڪٽر ايگريڪلچر ايڪسٽينشن

هن وقت سڄي دنيا صنعتي ترقي ۽ انساني ماحول خلاف حرڪتن جي ڪري موسمي تبديليءَ جي خراب اثرن کي ڀوڳي رهي آهي. موسمي تبديلي جي ڪري جهنگلي باهه، زلزله، سامونڊي طوفان ۽ ڏڪار لکين انسان دربدر ڪيا آهن. پاڪستان ۾ برساتن جي ڪري غربت ۾ ڦاٿل طبقو تمام گهڻو متاثر ٿيو آهي. 2022ع جي مسلسل ۽ گهڻي برساتن جي ڪري انساني آبادي ۽ زراعت شديد متاثر ٿيا آهن. ٿر به هن دنيا جو هڪ اهڙو حصو آهي جيڪو هر سال ڪنهن نه ڪنهن آفت کي منهن ڏيئي رهيو آهي. ٿر هر ٻن يا ٽن سالن کانپوءِ ڏڪارن کي برداشت ڪري ٿو. ٿر ۾ 1899ع کان 2000ع تائين 59 ڏڪار پيا آهن ۽ پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ 21 ڏڪار پيا آهن. جن مان ٻه وڏا ڏڪار ٿي گذريا آهن. پر هن وقت ٿر ۾ گذريل ڇئن سالن کان موسمي برساتون ٿيون آهن پر انهن مان سٺو لاڀ نه مليو آهي. اهو به موسمي تبديلين جي ڪري يا پوکي راهيءَ جي طريقن جي ڪري زرعي پئداوار کي ڌڪ رسيو آهي.

برساتون 2022ع ۾ سراسري ٿرپارڪر جي ستن تعلقن ۾ 480 ملي ميٽر جولاءِ ۽ آگسٽ ۾ مسلسل برسات پوڻ جي ڪري فصلن جو نقصان ٿيو ۽ لاڳيتي برساتن سان فصلن ۾ واڌ ويجهه ته ٿي پر گُل ٻاتي نه ٿي.

ورلڊ ميٽرولاجيڪل آرگنائيزيشن (WMO) چتاءَ ڏنو آهي ته لينينو (La Nino) جون حالتون 2020ع کان 2023ع تائين رهنديون. لينينو هڪ آبهوائي حالت آهي. جنهن جي ڪري پيسفڪ سمنڊ جي مٿاڇري تي ٿڌاڻ رهندي. اها ٿڌاڻ نيوٽرل آهي ته برساتون معمول مطابق هونديون جيڪڏهن نيوٽرل کان مٿي هونديون ته غير معمولي برساتون پوڻ جا امڪان هوندا آهن. هي حالتون دنيا ۾ گرمي پد، ڏڪار، جهنگلي باهه، ٻوڏ ۽ برساتن جي پيٽرنس تي اثر انداز ٿينديون آهن.

ٿر ۾ زرعي پيداوار گهٽ لهڻ جو سبب موسمي تبديلي هئڻ سان گڏ ڪجهه انساني سرگرمين جي ڪري به پيداوار تي اثر پيو آهي.

ٿر هڪ چراگاهه آهي جنهن ۾ محدود پوکي ڪرڻ جي اجازت هوندي هئي جيئن مالدار ماڻهو پنهنجو ڪاڌ خوراڪ حاصل ڪري سگهن پر سٺ واري ڏهاڪي کانپوءِ لننډ گرانٽ پاليسي تحت هارين کي يڪسالن جي اجازت ملي جيئن پنهنجي ڪاتي واري ٻني جيتري زمين هڪ سال روينيو ڪاتي کان اجازت وٺي پوکي سگهجي. هن وقت جنهن وٽ جيتري زمين ڪاتي ۾ آهي ان کان ٽيڻ تي پوکي ٿئي ٿي.

اسي واري ڏهاڪي کان ٻهرين زمينن جي ڪيڙي يا پوکي جانورن سان ٿيندي هئي. اُٺ، ڍڳا، گڏهه ۽ گهوڙن سان ٿري هر هلائيندا هئا ته وارياسي ايتري ڪلندي به نه هئي. ننڍا ٻوٽا ۽ پاڙون زمين ۾ موجود هونديون هيون اهي زمين جي ڪاڌ روڪينديون هيون ۽ پاسن کان خالي زمين ۾ برساتي پاڻي وهي ايندو هو جيڪو پاڻ سان گڏ ڪک، ڪانو ۽ ٻيو پاڻ ڪٽي اچي ٻني ۾ ڇڏيندو هو انهي ڪري زرخيزي بحال رهندي هئي. هن وقت سو سيڪڙو ٽريڪٽر سان پوکي ٽيڻ ڪري زمينون پنهنجي افاديت وڃائي چڪيون آهن ۽ زرعي پيداوار ٿيون ڏين.

اسان وٽ چوماسي جي مند پندرهن جون کان پندرهن سيپٽمبر تائين هوندي آهي. پر هن وقت موسمي تبديلي جي ڪري مقرر وقت تي برساتون نه پوڻ ۽ گرمي پد جون، جولاءِ ۽ آگسٽ ۾ 48 کان 50 ڊگري سينٽي گريڊ رهڻ جي ڪري ٿر جون وارياسيون زمينون گهڻي گرمي ۽ گهڻي وقفي سان برساتون پوڻ ڪري وٽ وڃائي ڇڏن ٿيون.

ٿر ۾ ٻاجهر، گوار، منگ، موٺ، چونئرا، تر، چانهي ۽ گدرن جي اڪثر پوکي ٿيندي آهي. پراڻي زماني ۾ هاري ۽ انهن جون عورتون ٻجن جي چونڊ ڪري سٺو ۽ گهڻي پيداوار ڏيندڙ ۽ جلدي پچڻ وارا ٻج الڳ ڪري سانڍي رکندا هئا. پر هن وقت ٽريشر جو رواج پوڻ ڪري ٻج چونڊ ڪري رکڻ وارو رواج ختم ٿي ويو آهي. هاڻ گاڏڙ ٻج جي ڪري پيداوار کي وڏو ڌڪ لڳو آهي.

**هاڻي ڇا ڪرڻ گُهرجي:**

ڪلائيميٽ سمارٽ ٽيڪنالوجي (Climate Smart Techology) تحت نوان فصل ۽ نوان طريقا پوکي جا متعارف ڪرايا وڃن. جنهن ۾ زمين ۾ پاڻي جي صحيح استعمال جا طريقا خاص ڪري ڦڙي ڦڙي واري آبپاشيءَ جو طريقو. ٽنل فارمنگ، گرين هائوس پوکي، ٽشو ڪلچر ۽ هيڊروپونڪ ۽ گرمي جي پد کي نظر ۾ رکي پوکيءَ جا طريقا ۽ وقت تعين ڪيو وڃي. کاري پاڻيءَ تي ميون ۽ ڀاڄين، هالوفائيٽ، ڪيڪٽس (ٿوهر)، پٽڪوار جي پوکي متعارف ڪرائي وڃي. دنيا ۾ ڪجي، ڏاڙهون، زيتون ۽ پٽاٽو جون ٽشو ڪلر ذريعي جنسون ٺاهيون ويندون آهن ۽ گاهه (روڊس ۽ ماٽ گراس) ۽ سوڊو سيريل (راجگرو ۽ ڪنوا) جيڪي 2000ppm کان 4500ppm تي آساني سان پوکي سگهجن ٿيون.

# اناج جو ذخيرو: مسئلا ۽ حل

اسان جو ملڪ پاڪستان اناج جي ذخيري لاءِ وڏي پيماني تي مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي. جنهن جا بنيادي ڪارڻ ٻج ذخيري جا روايتي طريقا، گهٽ ڪمرشل اناج وارا اسٽوريج ۽ انهن جا اڻپورا انتظام آهن. ماڻهو ڪري پنهنجي اناج کي گودامن ۾ ذخيرو ڪن ٿا. جيئن اناج سنڌن لڪل دشمنن جهڙوڪ: پکي، ڪوئن، نقصانڪار جيتن کان محفوظ رهي.

خوراڪ واري اناج جو ذخيرو هارين، واپارين، توڙي حڪومت لاءِ هڪ حساس مسئلو آهي. جيئن انهيءَ کي سڄي ملڪ ۾ صحت لاءِ صحيح حالتن مطابق رکي سگهجي. ڪڻڪ، سارين ۽ تيلي ٻج جي روايتي ۽ غير روايتي فصلن جي پيداوار ۾ اضافي سان انهن کي ڊگهي عرصي تائين محفوظ رکڻ هڪ اهم مسئلو ٿي چڪو آهي. موجوده ذخيري ڪرڻ وارين مهيا ڪيل سهولتون وڌندڙ پيداوار لاءِ اڻپوريون آهن.



ڪڻڪ، سارين، دالين ۽ تيلي ٻجن جو ذخيرو خوراڪي ضرورتن ڪارڻ تمام گهڻي اهميت جو حامل آهي. ذخيري جي گهٽ سهولتن هئڻ ڪري ٻج/ خوراڪ خراب ٿيڻ جو خطرو رهندو آهي. ڪڻڪ ئي فقط اهڙو اناج وارو فصل آهي، جيڪو گهٽ خرچ واري ٽيڪنالاجي ۽ زهريلين دوائن جي استعمال کان بغير ٻج، پاڻ، پاڻي ۽ فارم مشينيري تي اپائي سگهجي ٿو. جڏهن ته سارين، ڪپهه، ڪمند تمام گهڻو خرچ ڪائين ٿا. انهيءَ ڪري انهن کي ائين چڙهي ڏيڻ سان تمام گهڻو نقصان ٿئي ٿو.

اناج جو ذخيرو هڪ تاريخي عمل آهي. قديم زماني دوران حضرت يوسف عليہ السلام واري دور ۾ مصر ۾ ستن سالن واري سخت ڏڪار واري وقت ۾ اناج ذخيري ڪرڻ جي بندوبست کي اهميت ڏئي وئي. حضرت يوسف عليہ السلام کي انچارج مقرر ڪري کين ان جي ذخيري جي سنڀال جي ذميواري ڏني وئي. جيڪا هن نهايت ئي خوش اصلوبيءَ ۽ حڪمت عمليءَ سان سرانجام ڏني.

## ذخيري جا مسئلا:

- گهٽ گنجائش وارا اسٽور.
- مقامي ڪچين گندين جو استعمال.
- اڻ صاف ٿيل اسٽور.
- غير هوادار سيرن ۽ سوراخن وارا اسٽور.
- غير معياري اسٽور (ڀڳل پٽيون، دريون ۽ ٽٽل فرش).
- بغير ڇت وارا اسٽور جنهن کي پکي، ڪترينڊڙ جانور، جيت جڻيا آساني سان نقصان پهچائين ٿا.
- گئس/دونهون وغيره ڪرڻ وقت هوا بند نہ هئڻ.
- ڦوهاري ۽ دونهين ڪرڻ جو اڌورو عمل.
- اناج کليل ذخيرو ڪرڻ ۽ ڍڳ ڪرڻ.
- برسات جا خطرا.
- جيتن ۽ بيمارين جو مسئلو.

- گھٽي گرمي ۽ گھم جو مسئلو.
- اناج جو غير معياري هئڻ (گند، ڪچري مٿل جيتن ۽ ڦنگين جو موجود هئڻ).
- صحت جي اصولن خلاف اسٽور ڪرڻ.

## محفوظ ذخيري لاءِ احتياطي اپاءُ:

- گودامن جي صفائي جو اعليٰ معيار رکڻ گھرجي. ذخيري واري جاءِ کي صحيح طريقي سان صاف سٿرو رکڻ گھرجي ۽ گند ڪچرو ٻاهر اچلائي صفائي ڪرڻ گھرجي.
- ذخيري ڪرڻ وارو ٻج صاف صحتمند ۽ ڪک ڪچري کان آجو هئڻ گھرجي.
- ذخيري واري جاءِ اهڙي هنڌ هجي جيڪا اناج جيتن، بيمارين، ڪوئن ۽ ڳِهر وغيره کان محفوظ هجي.
- اناج ذخيرو ڪرڻ واري گودام کي ذخيري ڪرڻ لاءِ هڪ مهينو پهرين مٽي جو ليپو ڏجي يا سيمينٽ سان سيرون ۽ سوراخ بند ڪجن.
- چن ۽ توتئي جو ڳار ناهي پوچي هٽو ڳار ناهڻ لاءِ 2 ڪلوگرام توتيو الڳ ٿانو ۾ ۽ 20 ڪلو چن الڳ ٿانو ۾ رات جو پُسائي رکجي ۽ ٻئي ڏينهن ڇاڻي ملائي 100 لٽر پاڻيءَ ۾ وجهي پوچي هٽو.
- ذخيري ڪرڻ واري جاءِ ۾ هوا جي ڪراس جو پورو بندوبست رکڻ گھرجي.
- ٻج کي گودام ۾ ذخيرو ڪرڻ گھرجي. ذخيري ڪرڻ کان پهرين اسٽور واري جاءِ خشڪ ۽ هوادار ڪرڻ گھرجي (مطلب ته ٻج ۽ گودام خشڪ هئڻ گھرجي.)
- محفوظ ذخيري ٻج ۾ گِهم (نمي) جو مقدار 8 کان 12 في سيڪڙو يا ان کان بہ گھٽ هئڻ گھرجي.
- ذخيري واري ايراضي برسات کان محفوظ هجي.
- ذخيري واري ايراضيءَ ۾ جيتن تي ضابطي آڻڻ کي يقيني بنائجي.
- گودام ڪترينڊڙ جانورن، پکين کان محفوظ هجي جنهن ۾ ڪليل هوا، مضبوط دڪا، دروازا، دريون ۽ فرش سيرن ۽ سوراخن کان آجا هجن. فرش جي لهواري سطح رکڻ گھرجي. ته جيئن پاڻي آساني سان وهي ٻاهر نڪري وڃي.
- ٻورين دڪن وغيره تي رکڻ گھرجن. جيئن اهي سڌي طرح فرش تي نہ لڳن ۽ ٻج خراب نہ ٿئي.ذخيري لاءِ ٻوريون جيت جٽين کان پاڪ صاف ڪري پوءِ استعمال ڪجن. پراڻيون ٻوريون هرگز استعمال نہ ڪجن. نيون ٻوريون سڪائي پوءِ استعمال ۾ آڻجن.
- مجبوري جي حالت ۾ پراڻين ٻورين کي گرم پاڻي ۾ ٻوڙي ۽ انهن کي سڪائي پوءِ استعمال ڪجي.
- ٻورين ۾ جيت وڌيڪ هجن تہ پاڻيءَ سان گڏ هڪڙي ڦُڙي گاسليٽ جي بہ وجهجي ۽ بعد ۾ صاف پاڻيءَ ۾ ٻوريون ڌوئي سڪائي پوءِ ان ڀرجي.
- ڪپڙي جون ٻوريون يا ٿانو استعمال ڪرڻا پون تہ پوءِ انهن کي دونهون يا واس ڏيئي پوءِ استعمال ڪجي.
- ٻوريون قطارن ۾ سرن جي ٺهيل دڪن تي رکڻ گھرجن.
- دونهون يا واس ڏيئي پوءِ استعمال ڪجي.
- ٻوريون قطارن ۾ سرن جي ٺهيل دڪن تي رکڻ گھرجن.
- دونهين/واس ڏيڻ واري عمل لاءِ ذخيري واري جاءِ کي هوا بند ڪرڻ گھرجي.
- نقصانڪار جيتن کي مارڻ لاءِ ڳُندين، پلين ۽ اسٽور هائوسن ۾ در دريون بند ڪري اڱارين/ڪوئلن جو دونهون ڪجي.


**زرعي توسيع، زراعت کاتو، سنڌ**

**آبادگار هيلپ لائين**

**03111646111**

هي هيلپ لائين ڊائريڪٽوريٽ جنرل زرعي توسيع سنڌ حيدرآباد ۾ قائم ڪئل آهي جنهن تي آفيس جي ڏينهن تي آفيس جي وقت ۾ فون ڪري زرعي مشورا ۽ معلومات حاصل ڪري سگھجي ٿي.

جيئن تہ زرعي توسيعي عملو هر جاءِ تي آبادگارن کي سندن زمين/فصلن تي وڃي مشورا ڏيڻ لاءِ موجود آهي. ان سلسلي ۾ پنهنجي علائقي جي لاڳاپيل عملي سان رابطي ڪرڻ لاءِ پڻ هن آبادگار هيلپ لائين جو استعمال ڪري سگھجو ٿو.

*Wheat Straw: The Best Animal Fodder*

# ڪڻڪ جو ٻُهه: چوپائي مال جو بهترين چارو

ظفر علي کوکر، پرنسپل سائنٽسٽ، ڪڻڪ جو تحقيقاتي ادارو، سڪرنڊ

اسان جي معاشري ۾ هر ننڍو توڙي وڏو آبادگار چوپايو مال پالي ٿو. جانور اسان جي معيشيت ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. چوپائي مال جو کير، مکڻ، گيهه، گوشت، اُنَ ۽ چمڙو ملڪي توڙي غير ملڪي ناڻو ڪمائڻ جو اهم ذريعو آهن. جانورن جي پيداوار وڌائڻ لاءِ ضروري آهي ته انهن جون خوراڪي گهرجون به بهتر نموني سان پوريون ڪيون وڃن. جنهن لاءِ ضروري آهي ته ڪڻڪ جو ٻهه، ربيع ۽ خريف ۾ ساوا گاهه پوکي انهن جي کاڌ خوراڪ جو بهتر بندوبست ڪري سگهجي ٿو.

جهڙيءَ طرح کاچرو اناجن ۾ ڪڻڪ جو اناج انساني خوراڪ جو اهم ذريعو آهي، اهڙيءَ طرح چوپائي مال جي چاري ۾ به ڪڻڪ جو ٻهه مال جي اهم کاڌ خوراڪ آهي. اڪثر ڏٺو ويو آهي ته چوپائي مال جي چاري لاءِ ساون گاهن کان ڪڻڪ جي ٻهه جو کاپو وڌيڪ آهي. انهيءَ ڪري هر ننڍو وڏو آبادگار ۽ مال جو واڙو رکندڙ ڪاروباري ماڻهو پنهنجي مال جي گهرج مطابق موسمي ساون گاهن جو بندوبست ۽ ان سان گڏ ٻهه جو ذخيرو ڪري ٿو. ڪڻڪ جو ٻهه مال لاءِ آسان چارو آهي، جيڪو جانور سائي گاهه سان، سرنهن جي ڪڙ ۽ بوسي وغيره سان چاهه سان کائي ٿو.

**ٻهه جي اهميت:** چوپائي مال جي چاري لاءِ ساوڻ گاهن کان ڪڻڪ جي ٻهه جي اهميت وڌيڪ آهي. مالوند پاڳيا به جانورن جي چاري لاءِ ڪڻڪ جي ٻهه کي وڌيڪ اهميت ڏين ٿا. چاڪاڻ ته ٻهه استعمال ۾ به سولو آهي ۽ سائي گاهه جي پيٽ ۾ مال ڍؤ به جلدي ڪري ٿو. سائي گاهه ۾ پاڻياٺ وڌيڪ هوندو آهي، جيڪو جانورن مان پيشاب ذريعي ضايع ٿيو وڃي.

ربيع جا ساوا گاهه مثلاً برسيم، لوسڻ ۽ جوَ وغيره ٿين ٿا ۽ خريف جي ساون گاهن ۾ جوئر، باجهري، مڪئي ۽ گوار وغيره اچي وڃن ٿا. اهي ساوا گاهه موسم آهر ذائقي طور ڪڻڪ جي ٻهه سان ملائي مال کي چاريا وڃن ٿا، جيڪي جانور چاهه سان کائين ٿا. ڪڻڪ جو ٻهه مال لاءِ سائي گاهه سان به استعمال ٿئي



ٿو ان کان علاوه سرنهن جي ڪڙ، چانيي جي ڪڙ، ڪڻڪ جو ڏارو، ڪڻڪ جو بوسو سارين جو چونو ۽ ڪٽي وغيره سان به مال کي چاريو وڃي ٿو. ڪڻڪ جو ٻهه چوپائي مال لاءِ ايترو ته پسنديده

آهي، جو ٿريشر مشين جو سنهو ۽ صاف سنو ٻهه مينهن ۽ ڳئون ڪان علاوه ٻڪريون، رڍون ۽ ننڍا ڍڳ به شوق سان کائين ٿا. انهيءَ مان ظاهر آهي ته ڪڻڪ جو ٻهه چوپائي مال لاءِ پسنديده ۽ وڌيڪ استعمال ٿيندڙ چارو آهي.

**ٻهه جي حفاظت:** آبادگارن کي گهرجي ته مال جي چاري لاءِ ڪڻڪ جي ٻهه کي محفوظ ڪري رکن. ڇاڪاڻ ته ٻهه مال جي چاري لاءِ سڄو سال استعمال ٿئي ٿو. ٻهه ننڍا توڙي وڏا آبادگار ۽ واڙي وارا ڪاروباري ماڻهو سانڍيي رکن ٿا. ڪجهه سُست



آبادگار ٿريشر لڳڻ کان پوءِ ٻهه زمين ۾ کليل ڇڏي ڏيندا آهن. جيڪو موسمي هوائن ۽ برسات وغيره ۾ اُڏامي ۽ پيجي خراب ٿي ويندو آهي. برسات ۾ پچڻ کان پوءِ ٻهه ڪارو ٿي ڏپ ڪري ويندو آهي، جيڪو مال جي کائڻ جي قابل نٿو رهي. انهيءَ ڪري اهڙن آبادگارن کي صلاح ڏجي ته ٿريشر لڳڻ کان هڪدم پوءِ اَن سان گڏ ٻهه به هٿيڪو ڪري رکجي. ننڍا آبادگار ٻهه کي محفوظ ڪرڻ لاءِ اڪثر ٻهه جو پلو ناهيندا آهن يا وري

اهڙو ڍڪيل ڇپرو يا ڪنهن ڪمري ۾ ٻهه سانڍيي رکندا آهن. ڪجهه آبادگار زمين ۾ ڍڳ ناهي گاري سان ليپو ڏئي ڇڏيندا آهن. زمين ۾ رکيل ٻهه مٿاهين واري جاءِ تي رکي اهڙي طرح ليپو ڏجي جيئن ٻهه مينهن ۾ خراب نه ٿئي ۽ ضرورت وقت استعمال ڪجي. ڪاروباري ماڻهو وڪري لاءِ ٻهه روڊ جي پر ۾ مٿاهين واري جاءِ تي وڏا ڍڳ ناهي گاري سان ليپو ڏئي ڇڏيندا آهن. ٻهه جو ڍڳ بهتر رٿابنديءَ سان ناهڻ گهرجي ۽ گاري جا ٻه ٻه تي ليپا ڏجن ته جيئن ٻهه برسات وغيره ۾ خراب نه ٿئي. اهڙيءَ

طرح محفوظ ٿيل صاف سنو ٻهه وقت بوقت مارڪيٽ ۾ موڪلي سنو نفعو ڪمائي سگهجي ٿو.

آبادگار پائرو پنهنجي چوپائي مال جي بهترين سارسنڀال لاءِ ساون گاهن سان گڏ ڪڻڪ جو ٻهه محفوظ ڪري چوپائي مال مان سنو ناڻو حاصل ڪري سگهجي ٿو.

# ملچ جا فائدا ۽ استعمال

درشانہ خان (ايگريڪلچر آفيسر ٽنڊو الهيار I، ٽنڊو الهيار)

ملچ جي معنيٰ آهي زمين جي چري کي ڍڪڻ. لفظ ملچ جرمني ٻولي جي لفظ مولسچ "Molsch" مان نڪتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي "ڳرندڙ". ملچ جو استعمال تاريخ اندر پڻ موجود آهي. پراڻي زماني ۾ ماڻهو پٿرن ۽ ٻرندڙ جبلن جي چار جو استعمال ملچ جي صورت ۾ ڪندا هئا تہ جيئن زمين اندر موجود گهم کي روڪي سگهجي ۽ پڻ تيز هوائن جي ڪري زمين جي مٿاهين سطح کي وهڪري کان روڪي سگهجي پر هاڻوڪي دور جي ملچ جا فائدا هيٺ بيان ڪجن ٿا.

## ملچ جا فائدا:

1. ملچ ڪرڻ سان زمين اندر موجود گهم محفوظ رهي ٿي.
2. ملچ ڪرڻ سان زرعي زهرن ۽ ڪيميائي ڪاڻن جا اثر گهٽ ٿين ٿا.
3. ملچ ڪرڻ سان زمين جي مٿاهين سطح کي وهڪري (Soil erosion) کان روڪي سگهجي ٿو.
4. ملچ ڪرڻ سان زمين اندر ڪاڻ وارا جزا محفوظ رهن ٿا ۽ وڌن ٿا.
5. ڏڪار (Drought) يا قدرتي آفتن (Natural disaster) جهڙوڪ تيز هوائن، طوفان دوران ٻوٽا ۽ زمين محفوظ رهن ٿا ڇاڪاڻ تہ ٻوٽن ۽ زمين مٿان ملچ جي حفاظت رهي ٿي جيڪا ڏڪار جي صورت ۾ پاڻي کي ٻاڦ جي صورت ۾ نڪرڻ (Evaporation) کان روڪي ٿي ۽ پڻ تيز هوائن دوران زمين جو مٿاهون سطح پڻ محفوظ رهي ٿي.
6. ملچ ڪرڻ سان زمين جو معيار (Soil quality) سنورهي ٿو.
7. وارياسي زمين اندر ملچ ڪرڻ سان ڪاڻ جو مقدار وڌي ٿو ۽ پڻ پاڻي کي جهلي بيهڻ واري سلاحيت (Water holding capacity of soil) پڻ وڌي ٿي.
8. ملچ ڪرڻ سان گندگاھ جي پيداوار ۾ گهٽتائي ٿئي ٿي.
9. گرمين ۾ ملچ ڪرڻ سان زمين جي گرمي پد جو درجو گهٽ رهي ٿو ۽ پاڙون سٺي نموني سان پاڻي ۽ خوراڪ جي جزن کي ٻوٽن جي بين حصن تائين پهچائين ٿا.
10. نرسري اندر ملچ ڪرڻ سان ٻج جو ڦوٽهڙو (Seed germination) وڌيڪ ۽ سٺو ٿئي ٿو.
11. ملچ ڪرڻ سان فصل جي پيداوار پڻ سٺي ٿئي ٿي.



ملچ جو استعمال ٻن طريقن سان ڪيو ويجي ٿو هڪ تہ فصل جا بچيل حصا جهڙوڪ: پن، ڏانڊيون، ٽڙ، گل يا ٻيا مختلف حصا جن کي ڪمپوسٽ جي صورت ۾ زمين جي مٿاهين سطح تي پکيڙجي ٿو جيڪي آهستي آهستي ڳري ڪري پاڻ جي شڪل اختيار ڪن ٿا ۽ پڻ اهي زمين اندر نامياتي مادي کي وڌائين ٿا جنهن سان پڻ فصل جي پيداوار سٺي ٿئي ٿي. انهي عمل کي آرگينڪ ملچنگ (Organic mulching) چيو ويجي ٿو.

ملچ جو هڪ ٻيو قسم جنهن ۾ پلاسٽڪ جو استعمال ڪيو ويجي ٿو ۽ ڪاري يا ڪنهن بہ رنگ جي پلاسٽڪ سان زمين جي مٿاچري کي ڍڪيو ويجي ان کي اِن آرگينڪ ملچنگ (Inorganic mulching) چوندا آهن. پلاسٽڪ واري ملچ جو استعمال نرسري اندر ٻوٽا تيار ڪرڻ ۽ جابلو علائقن ۾ سياري اندر زمين جي گرمي پد واري درجي کي وڌائڻ لاءِ استعمال ڪجي ٿو.

ملچ ڪرڻ کان پهرين زمين اندر موجود گند گاهن کي صاف ڪجي ۽ پوءِ پاڻي ڏجي ۽ پوءِ فصل جا بچيل حصا زمين جي مٿاچري تي پکيڙجن جيڪي آهستي آهستي ڳري سڙي ڪاڻ جي شڪل اختيار ڪن ٿا ۽ زمين اندر ڪاڻ جي مقدار کي وڌائن ٿا ۽ پڻ زمين جي خاصيت سٺي ٿئي ٿي ڪيلي جي ميوي جي پٽ ڪانپوءِ ڪيلي جي ٽڙ ۽ پنن کي ڪتي ڪري ملچ جي صورت ۾ پڻ استعمال ڪري سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ تہ ڪيلي اندر پوٽاش موجود هوندو آهي ۽ ڪيلي جي ٻوٽي جي ملچ ڪرڻ سان زمين اندر پوٽاش جو مقدار وڌي ٿو اهڙي طرح سان مختلف ٻوٽن ۽ فصلن اندر مختلف قسم جا ڪاڻ وارا جزا موجود هوندا آهن ۽ جيڪي ملچ طور استعمال ڪري زمين جي زرخيزي کي وڌائي سگهجي ٿو. ملچ ڪرڻ سان زمين اندر موجود زرخيزي وارا مسئلا گهٽائي سگهجن ٿا ۽ فصلن جي پيداوار ۾ پڻ سٺو اضافو ڪري سگهجي ٿو.

# ويليو چين اپيروچ ذريعي بصر جي فصل کي وڌيڪ منافع بخش بڻائڻ

زوهيب الرحمان ٻگهيو (ايگريڪلچر آفيسر، زرعي توسيع سلطان آباد، تندوالهيار) ۽ ڊاڪٽر هيبت الله اسد ۽ عظيم حيدر

پاڪستان هڪ زرعي معيشت جو ملڪ آهي، جنهن جي اڪثر ڳوٺاڻي آبادي سڌو سنئون زراعت تي زميندارن، هارين، فارم مزدورن ۽ خدمت فراهم ڪندڙن جي صورت ۾ منحصر آهي. ڀاڄيون پاڪستان جي زرعي پيداواري نظام جو هڪ لازمي حصو آهن، جيڪي ضروري غذائي ضرورتون پوريون ڪرڻ ۾ مدد ڪندي آهي. خاص طور ننڍڙا هاري پنهنجي ٿوري زمين مان وڌيڪ آمدني حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هر سال ٽي فصل پوکڻ لاءِ سبزي جي پوک تي وڌيڪ ڀاڙين ٿا. جڏهن ته پيداوار جي سڀني مرحلن لاءِ موجود سبزي جي فراهمي، پوک کان پوءِ سنڀالڻ ۽ واپار جو نظام مؤثر ناهي. مروج نظام سبزي جي ننڍڙن آبادگارن ۽ ٻين لاڳاپيل سپلائي چين اسٽيڪ هولڊرز جي لاءِ گهڻو مددگار ناهي. سپلائي چين جي هر مرحلي تي مسئلن جي پيچيده نوعيت سبزي جي سپلائي چين جي اسٽيڪ هولڊرز جي معيشت کي بهتر بڻائڻ ۾ وڏي رڪاوٽ پيدا ڪري ٿي.

بصر پاڪستان جو هڪ اهم فصل آهي ۽ پاڪستان دنيا جو پنجون وڏو بصر پيدا ڪندڙ ملڪ آهي. هي فصل ملڪ ۾ لڳ ڀڳ 131.4 هزار هيڪٽرن تي پوکيو وڃي ٿو جنهن جي سالياني پيداوار 1.8 ملين ٽن آهي. ٻين فصلن جي آبادگارن وانگر، بصر جي آبادگارن کي پڻ ملڪ ۾ ڪيترن ئي مسئلن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو جيڪي انهن جي معيشت جي حالتن تي سخت اثر انداز ٿين ٿا. بصر جي آبادگارن جي معاشي زوال جو وڏو سبب پوکيءَ جا پراڻا ۽ روايتي طريقا ۽ مارڪيٽ تائين گهٽ پهچ ۽ مارڪيٽنگ جي صلاحيتن جو گهٽ هجڻ آهي. حڪومت طرفان ڪو به تجويز ڪيل اگهه نه هجڻ ۽ هارين جي مقامي ۽ ايڪسپورٽ مارڪيٽن تائين پهچ نه هجڻ سبب هاري انهن واپارين جي رحم ڪرم تي آهن جيڪي سندن پيداوار جا حتمي خريدار آهن. اسان جيڪڏهن بصر جي موجوده سپلائي سسٽم تي نظر وجهون ته معلوم ٿئي ٿو ته هاري فصل پوکيندا آهن ۽ جڏهن فصل تيار ٿي ويندو آهي ته هو واپارين جي اچڻ جو انتظار ڪندا آهن جيڪي سندن پيداوار پنهنجي مرضيءَ موجب خريد ڪندا آهن. واپاري اڪثر ڪري هارين کي گهٽ اگهه پيش ڪندا آهن جڏهن ته اهي هاريءَ جي پيداوار کي مارڪيٽن ۾ وڏي منافعي سان وڪڻندا آهن. اهو عمل هڪ واپاري کي انهن هارين کان وڌيڪ مالدار بڻائي ٿو جيڪي سٺو فصل پيدا ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات محنت ڪري پنهنجون سموريون ڪوششون صرف ڪن ٿا. اهو ئي وڏو سبب آهي جو پاڪستان ۾ بصر پوکيندڙن جي معاشي حالت گهڻي سٺي ناهي.

بصر جي آبادگارن جي معاشي حالت کي ويليو چين اپيروچ جي اپنائڻ ۽ بصر جي پوک ۾ مارڪيٽنگ جي صلاحيتن کي بهتر ڪرڻ سان بهتر بڻائي سگهجي ٿو. ويليو چين اپيروچ اهو عمل آهي جيڪو پيداوار کان وٺي ڪنهن به پراڊڪٽ جي وڪري ۾ شامل سڀني سرگرمين کي بهتر ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ويليو چين اپيروچ ۾ انهن ۾ شامل ماڻهن جي عملن کي سمجهڻ سان ملڪ ۾ هارين جي معاشي حالت ۽ زرعي پيداوار کي تمام گهڻو وڌائي سگهجي ٿو. ويليو چين اپيروچ واري طريقي کي اپنائڻ سان بصر جي پوک ڪندڙ صارفين جي گهرج مطابق سٺي معيار جو فصل پوکي سگهن ٿا. مارڪيٽنگ جي صلاحيتن کي اپنائڻ سان اهي واپارين جي رحم ڪرم کان به بچي سگهن ٿا. ان سان واپارين تي به دٻاءُ وڌندو ته هو آبادگارن سان گڏ صاف سٿرو ڪاروبار شروع ڪن. ويليو چين ۾ شامل هر فرد هڪ اهم پليئر هوندو آهي ۽ هر هڪ کي هڪ ٻئي جي ضرورت. پراڊڪٽ جي ڪارڪردگي کي بهتر ڪرڻ، گراهڪ جي اطمينان ۽ منافعي کي سمجهڻ جي ضرورت هوندي آهي. ويليو چين جي ڪاميابي ۽ نفعي جو دارومدار ان ڳالهه تي آهي ته چين ڪيتري مضبوط آهي ۽ ان ۾ شامل انفرادي ڪردار ڪيترا مضبوط آهن.



اسان وٽ ذخيري جي ناقص سهولتن جي ڪري هارين کي پنهنجي پيداوار تيار ٿيڻ شرط ڪنهن به قيمت تي وڪرو ڪرڻي پوندي آهي.

آبادگار هارين نارين کي بصرن مان وڌيڪ منافعو حاصل ڪرڻ ۽ واپارين جي هڪ هٽي مان جان ڇڏائڻ لاءِ اهم 5 نقطن تي ڌيان ڏيڻ گهرجي: صحتمند بصر جي نرسري کي وڌائڻ، فصل پوکڻ کان 20 ڏينهن اڳ آبپاشي بند ڪرڻ، 2 هفتن تائين فيلڊ ۾ بصر جي ڳنڍ جو علاج ڪرڻ، مناسب طريقي سان بصر ڪڍڻ، ترتيب ڏيڻ ۽ درجه بندي ڪري ۽ بهترين مارڪيٽنگ جا طريقا (بشمول سڌي مارڪيٽنگ جتي واپارين يا ڪميشن ايجنٽن کان پاسو ڪيو وڃي ٿو).انهن طريقن کي اپنائڻ سان هاري زميندار پنهنجي خريدارن جي ضرورتن مطابق معيار جون شيون پيدا ڪري سگهن ٿا ۽ اهي پائدار بنيادن تي ڊگهي مدي واري مارڪيٽ سان لاڳاپا قائم ڪري سگهن ٿا. ننڍين آبادگارن جي معيشت کي بهتر بنائڻ لاءِ هي طريقو ڪامياب ۽ آزمايل آهي جنهن سان آبادگارن کي روايتي پوک جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ منافعو حاصل ٿئي ٿو.

جيڪڏهن اسان هن بحث کي مختصر ڪريون ته اهو چئي سگهجي ٿو ته بصر جي آبادگارن کي يقيني طور تي ويليو چين اپروچ کي اپنائڻ جي ضرورت آهي ته جيئن هو پنهنجي زندگي جي معيار کي بهتر بڻائي سگهن ۽ پنهنجي محنت مان وڌ کان وڌ فائدو حاصل ڪري سگهن. هو صوبائي ۽ قومي سطح تي زراعت ۽ سبزي جي پيداوار (خاص طور تي بصر) کي وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهندا.

# فصلن ۾ پاچين جا نقصانڪار جيت

ضياءُ الحسنين جوڻيجو ڊپٽي ڊائريڪٽر زرعي توسيع خيرپور ناٿن شاهه

چور ڪينئون پاچين ۾ فصلن کي نقصان پهچائڻ وارن ڪينئن مان هڪ اهم ڪينئون آهي جيڪو فصلن کي پيجاري کان وٺي لهڻ تائين ڪافي نقصان پهچائي ٿو. هن جيت جا ڪيترائي قسم آهن. هي جيت گهڻو ڪري سردين جي موسم ۾ زمين اندر رهندو آهي. هن جيت جو ڪينئون بهار جي موسم کان فصلن تي حملو شروع ڪندو آهي. جيڪو آڪٽوبر مهيني تائين جاري رهندو آهي. پنهنجي سوپٽ واري حالت ۾ زمين اندر رهي هڪ کان ائن هفتن اندر پوپٽ بڻجي پنهنجي زندگي جي شروعات ڪري ٿو. هي جيت مختلف مهينن ۾ فصلن تي حملو ڪري ٿو جڏهن ته شديد حملو فيبروري کان مارچ ڏاري ڏٺو ويو آهي. هي جيت فصلن تي رات جي وقت حملو ڪري ٿوانهي ڪري هن ڪينئن کي چور ڪينئون چيو وڃي ٿو. جيترو هي ڪينئون ٻوٽن کي ڪائي نقصان ڪري ٿو ان کان وڌيڪ هي ننڍڙن سلن کي ڪٽي خراب ڪري ٿو.

**تدارڪ:**

چور ڪينئن جي ضابطي لاءِ روشنيءَ وارا ڦندا هڻڻ گهرجن. ڳُڏيءِ گندگاهه کي ڪيڻ گهرجي.

**ڪيميائي تدارڪ:**

هن جيت جي خاتمي لاءِ ڪيترائي زرعي زهر مارڪيٽ ۾ موجود آهن، جن جو استعمال حد جي زرعي ڪارڪن جي مشوري سان ڪرڻ گهرجي. جهڙوڪ: ڊيلٽا فاس 500 ملي لٽر 100 لٽر پاڻيءَ ۾ ملائي ڦوهارو ڪجي يا ڪراٽي 400 ملي لٽر في ايڪڙ ڦوهارو ڪجي.

**اچي مک:**

رس چوسي نقصان پهچائڻ وارن جيتن مان هي هڪ اهم جيت آهي، هي ننڍڙي سنهي قد بت جي مک آهي، اڇي پِيلاڻ مائل رنگ جي ٿيندي آهي. هن جا بالغ توڙي ٻچا پنن کي کُرڙي رس چوسين ٿا ۽ وڌيڪ حملي واري حالت ۾ پنن جا ڪنارا هيٺين پاسي مڙيو وڃن ٿا ۽ فصلن ۾ وائرس واريون بيماريون پڻ لڳي وڃن ٿيون.

**تدارڪ:**

فصلن ۾ هن جيت جا قدرتي دشمن به موجود هوندا آهن جهڙوڪ: ڪرائيسوپا، تنڊٽيون، ڪوريئڙو وغيره جيڪي هن جيت کي ڪائي ختم ڪن ٿا.

جيڪڏهن هن جيت جو حملو نقصان واري معاشي حد تي پهچي وڃي ته حد جي زرعي ڪارڪن جي مشوري سان زرعي زهر جو ڦوهارو ڪري سگهجي ٿو. جهڙوڪ: پائري پروڪسيفين، 120 ملي لٽر في 100 لٽر پاڻي ۾ ملائي ڦوهارو ڪجي يا موسپلان، يا ايسلان 125 گرام في ايڪڙ ڦوهارو ڪجي.

**مهلو:**

هي سنهو پنن جو رس چوسيندڙ جيت آهي، هن جي حملي ڪري پن زردا ٿي ويندا آهن سندن خارج ڪيل پاڻياٺ تي ڪاري گر واري بيماري لڳي ويندي آهي.



**جيسڙو:**

هن جيت جا ٻچا توڙي بالغ پنن جي هيٺين پاسي کان رس چوسيندا آهن. هن جي حملي ڪري پن گُهنججي هلڪا پِيلا ٿي پوءِ آخر ۾ ڇٽي ويندا آهن هن جيت جي ڪري پاچين ۾ وائرس واريون بيماريون پکڙجن ٿيون.

**تدارڪ:**

رس چوسڻ وارن جيتن جي بچاءَ لاءِ فصلن ۾ وار ڦير ڪجي، ٻوٽي کان ٻوٽي جو مفاصلو مناسب سفارش ٿيل رکجي، پرپاسي ۾ ميزبان ٻوٽا نه پوکجن، لڳاتار هڪجهڙا زرعي زهر نه استعمال ڪجن.

جيڪڏهن جيتن جو تعداد نقصان واري معاشي حد تي پهچي وڃي ته پوءِ حد جي زرعي ڪارڪن جي مشوري سان زرعي زهر جو ڦوهارو ڪجي جهڙوڪ:

ڪونفيڊور يا اميڊا يا پولو يا ڊائيفينٿيوران وغيره زرعي زهر جو وزن جيتن جي تعداد کي ڏسي ڪرڻ گهرجي.

# ٽنل فارمنگ جي اهميت

شاهہ فيصل، سينيئر انسٽرڪٽر اي ٽي آءِ سڪرنڊ

ٽنل فارمنگ جي اهميت وقت سان گڏوگڏ وڌندي پئي وڃي. جيئن جيئن آبادگارن جي جديد زراعت جي باري ۾ ڄاڻ وڌي پئي تيئن تيئن اهي چاهين پيا تہ هو جديد زرعي طريقن کي استعمال ڪري پنهنجي في ايڪڙ پيداوار کي وڌائين ۽ پنهنجي آمدني ۾ اضافو ڪن. ٽنل فارمنگ جي ذريعي نہ صرف في ايڪڙ پيداوار ۾ اضافو ٿئي ٿو پر ان جي ذريعي آبادگار تقريباً 20 کان 30 ڏينهن اڳاتو فصل حاصل ڪن ٿا. اڳاٽي پيداوار ملڻ جي ڪري آبادگارن کي پنهنجي فصل جو بهترين معاوضو ملي ٿو. ان کان علاوه منڊي ۾ ڀاڄين جي موجودگي جي وقت ۾ پڻ اضافو ٿئي ٿو. ٽنل فارمنگ جي ڪري مناسب درجہ حرارت، مناسب مقدار ۾ پاڻي ۽ ڀاڻ جي استعمال ٿيڻ جي ڪري معياري ڀاڄي حاصل ٿئي ٿي جيڪا پرڏيهہ موڪلي سگهجي ٿي، جنهن کي وڪرو ڪري آساني سان ناڻو حاصل ڪري سگهجي ٿو.



چو تہ ٽنل فارم پلاسٽڪ شيٽس سان ڍڪيل هوندو آهي. ان ڪري انتهائي سخت سردي جي موسم ۾ بہ ٽنل جي اندر گرمي ۽ گِهم کي مناسب سطح تي برقرار رکڻ ۾ آساني ٿئي ٿي. جنهن جي ڪري ڀاڄين جي سائز، رنگ، ذائقو بہ بهتر ٿئي ٿو. ڀاڄين جي لاءِ ڏينهن جو (سج جي روشنيءَ ۾ کاڌو تيار ڪرڻ) ۽ رات جي وقت ۾ ساهہ کڻڻ واري عمل ۾ بہ آساني ٿئي ٿي. نتيجي طور في ايڪڙ پيداوار ۾ اضافو ٿئي ٿو. ٽنل فارمنگ جي ڪري جتي آبادگارن جي آمدني ۾ اضافو ٿئي ٿو اُتي ساڳئي وقت ماڻهن جي لاءِ روزگار جي موقعن ۾ بہ اضافو ٿئي ٿو. هڪ محتاط اندازي مطابق ٽنل فارمنگ جي ذريعي ٽماٽن جي پيداوار ۾ ٽيڻ تي اضافو ٿئي ٿو ساڳي ريت ٻين ڀاڄين جي پيداوار ۾ بہ ڪافي اضافو ٿئي ٿو.

**ٽنل فارم جا قسم:**

بنيادي طور تي ٽنل فارم جا ٽي قسم آهن:

1. لو ٽنل (Low Tunnel).
2. واڪنگ ٽنل (Walking Tunnel).
3. هاءِ ٽنل (High Tunnel).

**1. لو ٽنل (Low Tunnel):** لو ٽنل جي اوچائي هڪ ميٽر يعني 3 فٽن جي هوندي آهي، هن قسم جي ٽنل کي لڳائڻ لاءِ في ايڪڙ لاڳت گهٽ اچي ٿي، هن ٽنل جي مٿان پلاسٽڪ جون ٽراسپيرنٽ شيٽس لڳائبيون آهن جن منجهان آساني سان فصل جي واڌويجهہ کي ڏسي سگهجي ٿو. ٽنل جي اندر ٽمريچر 15 کان 30 سينٽي گريڊ رکبو آهي. ان کان ٽمپريچر وڌي وڃڻ جي صورت ۾ ٽنل جي ٻنهي پاسن لڳل شيٽ کي کولي ڇڏجي جيئن ٽمپريچر گهربل سطح تي اچي وڃي.

**2. واڪنگ ٽنل (Walking Tunnel):**

واڪنگ ٽنل جي اونچائي 2 کان 2.5 ميٽر مٿي تائين هوندي آهي. هن ٽنل جي ٻنهي طرفن کان پلاسٽڪ جا دروازا لڳل هوندا آهن. جن کي ضرورت وقت کولي ڪري ٽنل جي اندر داخل ٿي ڀاڄين تي نظر رکي سگهجي ٿي ۽ ضرورت وقت انهن کي ڀاڻ ۽ پاڻي وغيره بہ ڏئي سگهجي ٿو. هي ٽنل لو ٽنل کان وڌيڪ مهانگو آهي. ان ڪري هن کي لڳرائڻ ۾ خرچ وڌيڪ اچي ٿو.

**3. هاءِ ٽنل (High Tunnel):**

هاءِ ٽنل جي اونچائي 3 ميٽر تائين هوندي آهي. هن ٽنل ۾ ڪنٽرولڊ ٽمپريچر سسٽم هوندو آهي. هن ٽنل جي لاڳت باقي قسم جي ٽنل کان وڌيڪ هوندي آهي ۽ ٻين ٽنلس کان وڌيڪ آساني سان ڀاڄين جي پوکي ڪري سگهجي. ڪجهہ جديد هاءِ ٽنلس ۾ خودڪار پاڻيءَ جو نظام گِهم ۽ درجہ حرارت کي ضابطي ۾ رکيو ويندو آهي.

**ڪجهہ ضروري ڳالهيون:**

- ٽنل فارمنگ هميشہ مڪمل سکيا وٺڻ کان پوءِ پنهنجي فارم تي شروع ڪرڻ گهرجي.
- ٽنل فارمنگ جي لاءِ ٻج ڪنهن سٺي ساک رکڻ واري ڪمپني جو استعمال ڪرڻ گهرجي.
- ٽنل فارم جي لاءِ زمين ۾ وٿاڻ جو ڀاڻ ۽ ڪمپوسٽ ضرور استعمال ڪجي.
- زمين جي چڪاس اڳواٽ ڪرائجي تہ بهتر آهي.

ڪنهن سٺي زرعي ماهر سان ضرور مشورو ڪجي.